Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

ڪراچي

جلد: 11 | اربع 06 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 19 صفر 1445هـ | شماره: 318 | قيمت 10 روپيا

ناٽي واري وزارت بجلي جي بلن ۾ ريليف جو نئون پلان آءِ ايم ايف ڏانهن اماڻي ڇڏيو

آءِ پي پيز جي لاءِ مقرر ڪيل واڌو رقم کي بجلي جي بلن ۾ ريليف ڏيڻ جي لاءِ ايڊجسٽ ڪري سگهجي ٿو : ذريعا

بل مان قسط وصول ٿيڻ تي 15 ارب کان وڌيڪ جي اها رقم واپس آءِ پي پيز جي لاءِ رکي ويندي

نئين پلان ۾ آءِ ايم ايف کي بجيٽ کان ٻاهر ريليف نه ڏيڻ جي يقين دهاني ڪرائي وئي آهي

بجلي جي بلن ۾ ريليف سان ساڍا 6 ارب روپين کان گهٽ جو اثر پوندو، آءِ ايم ايف پلان رد ڪندي 15 ارب روپين کان وڌيڪ جو اثر پڌاي

آءِ ايم ايف 15 ارب روپين جي مالياتي گنجائش پوري ڪرڻ جو پلان به گهري ورتو آهي

بجلي جي بلن ۾ ريليف ڏيڻ جي لاءِ بجيٽ مان آئوٽ نه ٿيڻ جي آءِ ايم ايف کي يقين دهاني ڪرائي وئي آهي، بلن کي 4 مهينن ۾ وصول ڪرڻ جي لاءِ به آءِ ايم ايف کي درخواست ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (م د) ناٽي واري وزارت بجلي جي بلن ۾ ريليف جو نئون پلان عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) ڏانهن اماڻي ڇڏيو آهي. ذريعن موجب آءِ پي پيز جي لاءِ مقرر ڪيل واڌو رقم کي بجلي جي بلن ۾ ريليف ڏيڻ جي لاءِ ايڊجسٽ ڪري سگهجي ٿو ذريعن پڌايو آهي ته بل مان قسط وصول ٿيڻ تي 15 ارب کان وڌيڪ جي اها رقم واپس آءِ پي پيز جي لاءِ رکي ويندي. ناٽي واري وزارت/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بجلي بلن جي معاملي تي مالياتي ادارن سان ڪيل واعدن تي عمل ڪنداسين: نگران وزيراعظم

آءِ پي پيز سان غير منصفاڻي بجلي معاهدن تي ڳالهيون جاري آهن، ڪجهه رعايتون وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون جنهن جا تفصيل هن وقت نٿو ٻڌائي سگهان

احتجاج ڪندڙن جا جذبات مجروح ڪرڻ کان سواءِ مسئلي جو ڊگهي وقت تائين حل ڳولينداسين، عوام کي مطمئن ڪرڻ جي لاءِ حقيقتن تي ٻڌل فيصلو ڪنداسين

سمورن شعبن جي لاءِ بجيٽ رکڻ پارليامينٽ جو اختيار آهي. پنهنجي اختيارن جي دائري ۾ رهندي معاشي ۽ مالياتي معاملا هلائي رهيا آهيون

صرف مختصر اصلاحات ڪري سگهون ٿا جنهن جي مستقبل جو فيصلو ايندڙ چونڊيل حڪومت ڪندي

آئيني طور تي حڪومتي نظام ۾ وڏي تبديلي نٿا آڻي سگهون : اسلام آباد ۾ پرڏيهي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهيون

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته بجلي جي معاملي تي آءِ پي پيز سان غير منصفاڻي بجلي معاهدن تي ڳالهيون جاري آهن اسلام آباد ۾ پرڏيهي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهيون ڪندي نگران وزيراعظم چيو ته حڪومت بجلي جي بلن واري معاملي تي مالياتي ادارن سان ڪيل واعدن تي عمل ڪندي. هن چيو ته آءِ پي پيز سان غير منصفاڻي بجلي معاهدن تي ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڊي آءِ جي ٽريفڪ آفيس جو دورو، آفيسر احترام کي يقيني بڻائين: نگران گهرو وزير

9077 منظور ٿيل پوسٽون آهن جڏهن ته 5557 اهلڪار ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيا آهن : ڊي آءِ جي ٽريفڪ احمد نواز چيما

86 ٽريفڪ انجنيئرنگ بيورو جي انتظام هيٺ آهن، 65 ڪنٽونمينٽ بورڊ ۽ 2 سي اي اي جي مينجمينٽ جي تحت ڪم ڪندا آهن

ٽريفڪ پوليس وٽ 438 بادي ورن ڪيمرائون آهن جنهن جي مدد سان احتسابي عمل ۾ مدد ملندي آهي : گهرو وزير کي بريفنگ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز چ ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي آفيس جو دورو ڪيو. ان موقعي تي هن ٽريفڪ پوليس جي شهيدن جي يادگار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي. ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي احمد نواز چيما ٽريفڪ پوليس رينڪ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن چيو ته 9077 منظور ٿيل پوسٽون آهن جڏهن ته 5557 اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: سنڌ جو نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي آفيس ۾ گڏجاڻي ڪندي

بشريٰ بي بي جي ڪيسن جو رڪارڊ ڏيڻ واري درخواست تي ڏرين کان جواب طلب

ڪيسن ۽ انڪوائري جو رڪارڊ ڏيڻ جي لاءِ داخل درخواست تي جسٽس عاليه نيلم پڌٽي ڪئي

درخواست ۾ وفاق، نيب، ايف آءِ اي ۽ پوليس سميت ٻين کي ڏر بنايو ويو

مڙس کان پوءِ هاڻ مون کي به سياسي انتقام جو نشانو بنايو پيو وڃي. : بشريٰ بيبي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ ڪيسن جو رڪارڊ ڏيڻ جي لاءِ بشريٰ بي بي جي درخواست تي ڏرين کان جواب طلب ڪري ورتو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي جي خلاف داخل ڪيسن ۽ انڪوائري جو رڪارڊ ڏيڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اڳوڻي خاتون اول بشريٰ (فائيل فوٽو)

مسلم ليگ (ن) ڪنڊ جي بحران جو ذميوار پيپلزپارٽي کي قرار ڏئي ڇڏيو

ڪنڊ برآمد ڪرڻ جو فيصلو واپار واري وزير نويد قمر ڪيو هو : احسن اقبال

ن ليگ اتحادي حڪومت پي ڊي ايم جي هر فيصلي جو بار نٿي کڻي سگهي

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ ڪنڊ جي بحران ۽ وڌندڙ اڳهن تي پ پ ۽ ن ليگ آمهون سامهون ٿي ويون. اڳوڻي منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪاروڪاري جي ڪٽائي لاءِ 30 سالن جي ليز مليل آهي: ڪمپنين جي دعويٰ

درخواستن تي جسٽس شفيع صديقي ۽ جسٽس ارشد حسين خان تي ٻڌل ڊويزنل بئنچ ٻڌڻي ڪئي

ايف ڊبليو او، ڪوهه نور ڪمپني، مائنز اينڊ منرل، وائلڊ لائيف سميت لاڳاپيل ڪاتن جا عملدار پيش ٿيا

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد ڪاروڪاري جي ڪٽائي ۽ ليزن بابت داخل درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪندي اسٽي برقرار رکي چڏيو. وڪيل شنڪر ميگهواڙ، جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آخري مغوي جي بازيابي تائين سنڌ ۾ احتجاج ۽ ڌرڻا جاري رهندا: محمد حسين محنتي

سنڌ ۾ امن امان جي بحالي شهرين جي جان توڙي مال جي حفاظت ڪرڻ حڪومت وقت جي اولين ذميواري آهي

هندو برادري اڪيلي ڪونه آهي، جماعت اسلامي ان سان گڏ آهي، آخري مغوي جي بازيابي تائين سنڌ ۾ احتجاج ۽ ڌرڻا جاري رهندا

سراج الحق واحد قومي ليڊر هو جنهن سڀ کان پهرين سنڌ ۾ ڏاڙيل راج خلاف آواز اٿاريو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ طرفان ڪشمور ڌرڻي جي حمايت توڙي سنڌ ۾ ڏاڙيل راج جي خاتمي لاءِ ٿل، گهارو، ميهڙ، خيرپور ڪنڊڪوٽ، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

جماعت اسلامي اڳواڻ محمد حسين محنتي ميڊيا سان ڳالهائيندي

بلڙي شاهه ڪريم: نوجوان غربت کان تنگ اچي پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي

گوٺ رحيم بخش رند جي رهواسي معذور شاهين عرف جمعون رند پاڻ کي باهه ڏني

نوجوان جي پاءُ وٽ رقم نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن چندو ڪري ڪيس حيدرآباد اسپتال پهچايو

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ نوجوان بک، بدحالي ۽ غربت سبب پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو. گوٺ رحيم بخش رند جي رهواسي معذور شاهين عرف جمعون رند پاڻ کي باهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس، گرفتار سهولتڪار جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي

شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس، گرفتار سهولتڪار جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي

عدالت پاران جاج آفيسر جي درخواست تي جوابدارن کي وڏيڪ 7 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

سڪر (رپورٽر) سڪر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ٿن سهولتڪارن کي ٻيهر 7 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. هيڊ صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڊبل سينچري مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪنڊ قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري، وڏيڪ 40 روپيا مهانگي

ڪوئيٽا ۾ في ڪلو ڪنڊ تي 15 روپيا وڌيا، اڄ وري 15 رُپيا واڌا ويا، جنهن ڪانپوءِ في ڪلو ڪنڊ جي به سئو ويهه رُپين تائين وڃي پهتي

چئن ڏينهن دوران ڪنڊ جي قيمت 40 روپيا وڌي چڪي آهي، جڏهن ته چمن ۾ في ڪلو ڪنڊ 230 رپين ۾ وڪرو

ڪراچي ۾ به في ڪلو ڪنڊ جي قيمت 200، لاهور جي اوپن مارڪيٽ ۾ ڪنڊ 176 روپيا في ڪلو ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي

ڪراچي (م د) ملڪ جي ڪيئي شهرن ۾ ڊبل سينچري ڪانپوءِ به ڪنڊ جي آڱهن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. گذريل ڏينهن ڪوئيٽا ۾ في ڪلو ڪنڊ تي 15 روپيا وڌيا، اڄ وري 15 رُپيا واڌا ويا، جنهن ڪانپوءِ في ڪلو ڪنڊ جي به سئو ويهه رُپين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي جڊيشل ميمبر جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان پاران ضلعي جيل ملير جو دورو

دوري جو مقصد جيل جي انتظامي معاملن ۽ قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو وٺڻ هو: ارشد نور خان

هن وقت جيل ۾ 2200 قيدين جي گنجائش آهي ۽ اتي 5,752 قيدي موجود آهن: دورين دوران ڳالهيون

جيل سپرنٽينڊنٽ سيد ارشد شاهه جيل جي سمورن سيڪشنز ۽ بيرڪن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي جڊيشل ميمبر جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان جو پنهنجي ٽيم سميت ضلعي جيل ملير جو دورو. دوري جو مقصد جيل جي انتظامي معاملن ۽ قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو وٺڻ هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي جڊيشل ميمبر جسٽس رٽائرڈ ارشد نور خان ضلعي جيل ملير جي دوري دوران عملدارن سان ڳالهائيندي

سنڌ حڪومت ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي 7 سيپٽمبر تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪربلا جي شهيدن جي چاليهي جي موقعي تي 7 سيپٽمبر تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو. سنڌ جي نگران حڪومت حضرت امام حسين عم ۽ سندن ساٿين جي چاليهي جي موقعي تي 7 سيپٽمبر تي عام موڪل جو فيصلو ڪيو آهي. تعليمي ڪاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پ پ جي عورت شعبي جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان پيپلز پارٽي عورت سنڌ جي صوبائي عهديدارن جي ملاقات

فريال ٽالپر سان پيپلزپارٽي عورت سنڌ جي صدر شوڪت جماڻي، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مهرين پٽو، اطلاعات سيڪريٽري سعديه جاويد ۽ ڪراچي ڊويزن جي صدر شاهده رحماني پڻ ملاقات ڪئي

زرداري هائوس ڪراچي ۾ ٿيل ملاقات دوران صوبي جي سياسي صورتحال، تنظيمي معاملن ۽ عورتن جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

عام چونڊن ۾ پارٽي جي تاريخي ڪاميابي لاءِ وومين ونگ کي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: فريال ٽالپر جي صوبائي عهديدارن سان ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي عورت شعبي جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان پيپلز پارٽي عورت سنڌ جي صوبائي عهديدارن جي ملاقات فريال ٽالپر سان پيپلزپارٽي عورت سنڌ جي صدر شوڪت جماڻي، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مهرين پٽو، اطلاعات سيڪريٽري سعديه جاويد ۽ ڪراچي ڊويزن جي صدر شاهده رحماني پڻ ملاقات ڪئي. زرداري هائوس ڪراچي ۾ ٿيل ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڪراچي: پ پ جي عورت شعبي جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان پيپلزپارٽي عورت سنڌ جي صوبائي عهديدارن جي ملاقات وقت گروپ فوٽو

سعودي عرب جو پاڪستان ۾ اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري جو اعلان

اسلام آباد (م د) سعودي عرب پاڪستان ۾ 25 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري جو اعلان ڪري ڇڏيو. سيڙپڪاري زرعي شعبي، آءِ ٽي سيڪٽر ۽ ڪاڻ جي شعبي ۾ ٿيڻ جو امڪان آهي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سعودي عرب ايندڙ ٻن ڪان پنجن سالن دوران پاڪستان ۾ 25 ارب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اليڪشن ڪميشن جي منظوري کان پوءِ سنڌ پوليس ۾ وڏي پئماني تي اٿل پٿل: 8 ڊي آءِ جيز، 31 ايس ايس پيز تبديل

ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد، سڪر ڊويزن جي ڊي آءِ جيز کي به تبديل ڪيو ويو

طارق ڏاريجو ڊي آءِ جي حيدرآباد، تنوير احمد اوڊ ڊي آءِ جي ميرپورخاص، خادم حسين رند ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي مقرر

جاويد جسڪاڻي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جڏهن ته اظهر مهيسر کي ڊي آءِ جي اوپر ڪراچي مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن جي منظوري کان پوءِ سنڌ پوليس جي 8 ڊي آءِ جيز ۽ 31 ايس ايس پيز جون مقررين ۽ بدليون ڪيون ويون آهن. ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد، سڪر ڊويزن جي ڊي آءِ جيز کي به تبديل ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب طارق ڏاريجو ڊي آءِ جي حيدرآباد، تنوير احمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: گلگت بلتستان اسمبلي جو اسپيڪر نذير احمد قومي اسمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان ملاقات ڪري رهي آهي

گاڏين جي نمبر پليٽن جي فوري جاري ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي: محتسب اعليٰ سنڌ جا حڪم

ڪراچي (رپورٽر) محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڪاتي کي حڪم جاري ڪندي چيو ته گاڏين جي نمبر پليٽن جي فوري جاري ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ گهربل طريقيڪار اختيار ڪيا وڃن. مٿيءجا ٻاهل حڪمن تحت محتسب اعليٰ سنڌ ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪشمور: ڪچي جي علائقي مان 3 مغوي بازياب ٿيڻ باوجود سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان دنگ تي ڌرڻو جاري

پوليس پاران ڪارروائي دوران بازياب ڪرايلن ۾ مڪهي جگديش ڪمار، سندس پوٽو جئي ديپ ۽ ڊاڪٽر منير نائچ شامل

مغوين جي بازيابي لاءِ هنيل ڌرڻي سبب ٽنهي صوبن ڏانهن اينڊڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل رهي

مظاهرين پاران ساگر ڪمار، پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين کي به بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور جي ڪچي واري علائقي درائي مهرمان پوليس ڪارروائي دوران 3 مغوين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪشمور: ڪچي جي علائقي مان 3 مغوي بازياب ٿيڻ باوجود سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان دنگ تي ڌرڻو لڳل آهي

سپريم ڪورٽ پرويز مشرف جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ پرويز مشرف جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ واري درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نيب ترميم ڪيس، فيصلو محفوظ، جلد ٻڌايو ويندو: سپريم ڪورٽ

چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ عمران خان جي نيب ترميم خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عدالت سڳوري جي 3 رڪني بينچ ۾ چيف جسٽس سان گڏ جسٽس اعجازالاحسن ۽ جسٽس منصور علي شاهه شامل هئا

منهنجي ريٽائرمينٽ ويجهي آهي پر ريٽائرمينٽ کان اڳ فيصلو ٻڌائي ڇڏينداسين : چيف جسٽس عمر عطا بنديال

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ نيب ترميم جي خلاف عمران خان جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو جنهن کي چيف جسٽس پنهنجي ريٽائرمينٽ کان اڳ ٻڌائڻ جو اعلان ڪيو آهي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سان ملاقات

اجلاس ۾ ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد، ڊي جي هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر ارشاد ميمڻ، وي بي ڊي ڪاتي ۽ لوڪل گورنمينٽ ڪاتي جي نمائندن جي شرڪت

اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي ڊي جي صحت سنڌ ڊاڪٽر ارشاد ميمڻ ۽ ڊپارٽمينٽ آف ويڪٽر بورن ڊيزيز پاران بريفنگ

اينٽي ڊينگي مهم کي انگريزي اردو ۽ سنڌي ٽنهين ٻولين ۾ پروموٽ ڪيو وڃي: ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ ڊپٽي ميئر سلمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان ترڪش جو نيول چيف ملاقات ڪري رهيو آهي

رپئي جي بي قدري جو سلسلو جاري، انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 17 پئسا مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي پيت ۾ پاڪستاني رپئي جو قدر گهٽجڻ جو سلسلو جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پرويز الاهي جي نظربندي معطل ڪري ڇڏي، آزاد ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد ۾ ڪو هنگامو يا ڪو جلسو جلوس ڪيو؟ (ڪورٽ سڳوري) منهنجي موڪل ڪريه جلسو جلوس يا هنگامو نه ڪيو آهي : وڪيل

پرويز الاهي کي پهريون پيرو ڪڏهن گرفتار ڪيو ويو هو؟ (عدالت) پرويز الاهي کي پهرين جون تي گرفتار ڪيو ويو هو : وڪيل

پرويز الاهي 3 مهينن کان وڌيڪ وقت تائين حراست ۾ آهي : ٻڌڻي دوران جسٽس طارق محمود جهانگيري جا ريمارڪس

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي صدر ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي جي ٽري ايم پي او جي تحت نظربندي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران عدالت پڇاڻو ڪيو ته اسلام آباد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جي ڊي اي ۽ ايم ڪيو ايم پيپلزپارٽي کي ٽف ٽائم ڏيڻ لاءِ تيار

ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت جي ڊي اي سان گڏ ٺاهيندي : صفدر عباسي

دنيا چنڊ تي پهچي رهي آهي پر اسان جون هيڊ لائينز اڃا تبديل ناهن ٿيون

ڪراچي ملڪ کي 8 هزار ارب روپيا ڪمائي ڏئي سگهي ٿو پر ڳئون کي گاهه ته ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال، ڊاڪٽر صفدر عباسي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي دعويٰ ڪئي آهي ته ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ ايندڙ حڪومت جي ڊي اي سان گڏ ٺاهيندي. هن چيو ته دنيا چنڊ تي پهچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪاروڪاري جي ڪٽائي لاءِ 30 سالن جي ليز مليل آهي: ڪمپنين جي دعويٰ

درخواستن تي جسٽس شفيع صديقي ۽ جسٽس ارشد حسين خان تي ٻڌل ڊويزنل بئنچ ٻڌڻي ڪئي

ايف ڊبليو او، ڪوهه نور ڪمپني، مائنز اينڊ منرل، وائلڊ لائيف سميت لاڳاپيل ڪاتن جا عملدار پيش ٿيا

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد ڪاروڪاري جي ڪٽائي ۽ ليزن بابت داخل درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪندي اسٽي برقرار رکي چڏيو. وڪيل شنڪر ميگهواڙ، جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

بلڙي شاهه ڪريم: نوجوان غربت کان تنگ اچي پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي

گوٺ رحيم بخش رند جي رهواسي معذور شاهين عرف جمعون رند پاڻ کي باهه ڏني

نوجوان جي پاءُ وٽ رقم نه هجڻ سبب ڳوٺاڻن چندو ڪري ڪيس حيدرآباد اسپتال پهچايو

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم ۾ نوجوان بک، بدحالي ۽ غربت سبب پاڻ مٿان پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي جنهن سبب هو سخت زخمي ٿي پيو. گوٺ رحيم بخش رند جي رهواسي معذور شاهين عرف جمعون رند پاڻ کي باهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس، گرفتار سهولتڪار جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي

شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس، گرفتار سهولتڪار جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي

عدالت پاران جاج آفيسر جي درخواست تي جوابدارن کي وڏيڪ 7 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

سڪر (رپورٽر) سڪر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت شهيد صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ٿن سهولتڪارن کي ٻيهر 7 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. هيڊ صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڊبل سينچري مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪنڊ قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري، وڏيڪ 40 روپيا مهانگي

ڪوئيٽا ۾ في ڪلو ڪنڊ تي 15 روپيا وڌيا، اڄ وري 15 رُپيا واڌا ويا، جنهن ڪانپوءِ في ڪلو ڪنڊ جي به سئو ويهه رُپين تائين وڃي پهتي

چئن ڏينهن دوران ڪنڊ جي قيمت 40 روپيا وڌي چڪي آهي، جڏهن ته چمن ۾ في ڪلو ڪنڊ 230 رپين ۾ وڪرو

ڪراچي ۾ به في ڪلو ڪنڊ جي قيمت 200، لاهور جي اوپن مارڪيٽ ۾ ڪنڊ 176 روپيا في ڪلو ۾ وڪرو ٿيڻ لڳي

ڪراچي (م د) ملڪ جي ڪيئي شهرن ۾ ڊبل سينچري ڪانپوءِ به ڪنڊ جي آڱهن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. گذريل ڏينهن ڪوئيٽا ۾ في ڪلو ڪنڊ تي 15 روپيا وڌيا، اڄ وري 15 رُپيا واڌا ويا، جنهن ڪانپوءِ في ڪلو ڪنڊ جي به سئو ويهه رُپين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي جڊيشل ميمبر جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان پاران ضلعي جيل ملير جو دورو

دوري جو مقصد جيل جي انتظامي معاملن ۽ قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو وٺڻ هو: ارشد نور خان

هن وقت جيل ۾ 2200 قيدين جي گنجائش آهي ۽ اتي 5,752 قيدي موجود آهن: دورين دوران ڳالهيون

جيل سپرنٽينڊنٽ سيد ارشد شاهه جيل جي سمورن سيڪشنز ۽ بيرڪن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي جڊيشل ميمبر جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان جو پنهنجي ٽيم سميت ضلعي جيل ملير جو دورو. دوري جو مقصد جيل جي انتظامي معاملن ۽ قيدين کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو وٺڻ هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي جڊيشل ميمبر جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان ضلعي جيل ملير جي دوري دوران عملدارن سان ڳالهائيندي

سنڌي خبر، سون جي اڳهه ۾ هزارين رپيا لات

سون جي قيمت 6 هزار 300 رپيا گهٽجڻ ڪانپوءِ به لڪ 23 هزار 800 رپيا ٿي وئي

سون 5 هزار 402 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لڪ 99 هزار 588 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي اڳهه ۾ هزارين رپيا لات آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسرائيل بحرين ۾ پنهنجو سفارتخانو کولي ورتو

بحرين ۾ اسرائيل جي نئين سفارتخاني جو افتتاح ڪيو ويو

اسرائيل جي پرڏيهي وزير ايلي ڪوهن پنهنجي بحريني هم منصب سان ملاقات ڪئي

مناما (م د) اسرائيل ۽ بحرين وچ ۾ لاڳاپا معمول تي آڻڻ جي ٽن سالن کانپوءِ اسرائيل بحرين ۾ پنهنجو سفارتخانو کولي ورتو. پرڏيهي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جئ شاهه وري پاڪستان خلاف زهر اوڳاڻڻ لڳو

ايشيائي ٽيمون پاڪستان ۾ ايشيا ڪپ ڪيڊڻ لاءِ تيار نه هيون : جئ شاهه

پاڪستان ۾ سيڪيورٽي ۽ معاشي حالتن تي ايشيائي ملڪن کي ڳڻتي هئي

ممبئي (م د) پارٽي ڪرڪيٽ بورڊ (بي سي سي آءِ) جي سيڪريٽري جئ شاهه جو هڪ پيرو وري پاڪستان خلاف بيان سامهون آيو آهي ايشين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اضافي ٽيڪس جي معاملي تي تجويزون ورتيون آهن: نعيم الرحمان

اڄ هو ڳالهائيندو ته ملڪ کي مسئلن مان ڪيئن ڪڍي سگهجي ٿو

"بنو قابل" پروگرام ذريعي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪي

گهارو ۾ ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو، ڏرٽو

ڏرٽي ۾ جماعت اسلامي گهارو جي جنرل سيڪريٽري حماد راجپوت، محمد علي خٽڪ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سنڌ ۾ رهندڙ هندو ڀائرن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، اسان هندو ڀائرن جو هر صورت ۾ تحفظ ڪنداسين : مظاهرين

جيستائين سيئي مغوي بازياب نه ڪرايا ويا تہ سڄي سنڌ جيان ڪراچي ٽنو رودِ بند ڪيو ويندو

گهارو (رپورٽ بشار جوڪيو) ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ ڪشمور ۾ لڳل ڏرٽي جي يڪجهتي لاءِ گهارو شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنيوويو جماعت اسلامي جي سڌ تي ڪشمور جي مغوين جي بازيابي ۽ ڪشمور ۾ لڳل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گهارو : ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

شيخ پرڪيو ۾ الشهباز ڪلينڪ پاران هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ۾ الشهباز ڪلينڪ پاران هڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ٽنڊو محمد خان ميمڻ اسپتال تالي واري ڊاڪٽر عبدالرؤف راؤ ۽ ڊاڪٽر شاهد هاليپوٽو پاران غريب مريضن جو مفت ۾ چيڪ اپ ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ڊاڪٽر عبدالرؤف راؤ چيو تہ اڄ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سڪر ۾ مطالبن جي حاصلات لاءِ آبپاشي ڪاتي جي پورهيتن پاران احتجاج

چارٽر آف ڊيمانڊ جي منظوري باوجود هن مهل تائين ان تي عمل ناهي تي سگهيو : مظاهرين

چارٽر آف ڊيمانڊ تي عمل نہ ڪندڙن خلاف عدالت جو دروازو کڙڪايو آهي، انصاف ڏيارڻو وڃي

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر مطالبن جي حاصلات لاءِ آبپاشي ڪاتي جي پورهيتن جو چيف انجنيئر سڪر بئراج جي آفيس آڏو احتجاج، نوٽيس وٺڻ جي گهر، سڪر آبدار ايڊڪشنل اسسٽنٽ ايسوسيئيشن سنڌ جي سڌ تي مطالبن مڃڻا لاءِ چيف انجنيئر سڪر بئراج جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي مظاهرين جي اڳواڻن غلام قمبر مري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز ۾ سڄاڻ ڏرين جي سڌ تي نيشنل هاءِ وي بند، ٽريفڪ معطل

وڪلا برادري، سياسي سماجي سول سوسائٽي جي ماڻهن نيشنل هاءِ وي بند ڪري ڪشمور جي مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ڏرٽو لڳايو

سنڌ ڏاڙيل چورن ۽ سردارن جي حوالي ڪئي وئي آهي روز ماڻهون اغوا ٿي رهيا آهن پر پوليس ڪڪ پچي پيٽو ناهي ڪيو : اڳواڻ

جلد کان جلد ڪچي ۾ آپريشن ڪري اغوا ٿيل ماڻهن کي بازياب ڪرائي سنڌ مان ڏاڙيل ڪلچر ختم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز سنڌ بار ميمبر عبدالستار لهراڻي جي سڌ تي وڪلا برادري، سياسي سماجي سول سوسائٽي جي ماڻهن نيشنل هاءِ وي بند ڪري ڪشمور جي مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ڏرٽو لڳايو ويو، روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿيل آهي

نوشهرو فيروز : مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏرٽي ۾ شوڪت ٻوهيو مشتاق بڙدي امر امتياز سهيل منگي شير محمد اڄڻ يونس راجپر عتيق الرحمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪر ۾ خيرپور جي علاقي چانڊيو محلا جي رهواسي پاران احتجاج، انصاف جي گهر

سڪر (بيورو رپورٽ) خيرپور جي علاقي چانڊيو محلا جي رهواسي غلام سرور شر پنهنجي زال دونيا خاتون سان گڏ سڪر پريس ڪلب آڏو پلاٽ تي مبينہ قبضي خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي تہ ڏيڍ سال اڳ خيرپور ٽريننگ سينٽر لڳ سروي نمبر 194 ٻارهن لک روپين ۾ ورتو هو، جنهن مان ست لک چاليهہ هزار روپيا ادا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ موٽر سائيڪل بيهارڻ تان منع ڪرڻ تي پوليس اهلڪار آپي مان نڪري ويا

دهشتگردن جيئان پوليس اهلڪار ڏنڌا ۽ هٿيار بردار ماڻهو گهرائي ورتا، ايمبولنس ڊرائيورن تي حملو

ڏٽي بخش جمالي شهباز جمالي سيٽ ڪلارڪ ابراهيم جمالي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

قانون سيني لاءِ برابر آهي قانون کي هٿ ۾ کڻڻ نہ ڏينداسين : ڊي ايس پي سٽي عبالخالق وڳڻ

دادو (ن سنڌيار) سول اسپتال جي ايمرجنسي جي ايمبولنس گيراج تي موٽر سائيڪل بيهارڻ تان منع ڪرڻ تي پوليس اهلڪار آپي مان نڪري ويا دهشتگردن جيئان پوليس اهلڪار ڏنڌا ۽ هٿيار بردار ماڻهو گهرائي ورتا، بيگناهہ ايمبولنس ڊرائيورن شيراز ڏاڍ تي سرعام حملو ۽ تشدد. سول اسپتال ميدان جنگ بڻجي وئي مريضن ۾ ڀاڄ ڀڳي وئي ايمبولنس ڊرائيورن ڪم ڇڏ هڙتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سڄي سنڌ جو شعور شهيد فاطمہ قرڙو جو وارث آهي : رياض چانڊيو

هتي قانون جي حڪمراني نہ آهي هاءِ پروفائيل ڪيس ۾ پوليس جي ڪارڪردگي مشڪوڪ لڳي تي

پوليس بااثرن سان گڏجي مظلوم نياڻي جي غريب وارثن تي پريشر ڪرائي ڪيس دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي

باشعور عوام ۽ ميڊيا کي اپيل ٿو ڪريان تہ فاطمہ قرڙو جي خون سان انصاف لاءِ هر فورم تان ان ڪيس جو ورجاءُ ڪيو وڃي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو وفد سان خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد قرڙو پهچي گڏ خانواهن پرسان ڳوٺ علي محمد قرڙو پهچي شهيد نياڻي فاطمہ قرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪئي، جسم چيئرمين رياض چانڈيو مظلوم نياڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانواهڻ : جسم چيئرمين رياض چانڈيو فاطمہ قرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

سرحد لنڊي واهہ جو دارغور رمضان چاڇڙ آفيسرن کان بہ زور، غيرقانوني طور ماڻهن جي زمينن جو پاڻي بند ڪري آبادگارن کي پريشان ڪرڻ لڳو

سرحد (رپورٽر) سرحد لنڊي واهہ جو دارغور رمضان چاڇڙ آفيسرن کان بہ زور، غيرقانوني طور ماڻهن جي زمينن جو پاڻي بند ڪري آبادگارن کي پريشان ڪرڻ لڳو. جيڪو پئسا نہ ڏيندو تنهن کي پاڻي نہ ملندو سندس نئو فرمان جاري ڪال رڪارڊنگ سوشل ميڊيا تي وائرل. خبرموجب لنڊي واهہ سرحد جي آر ڊي 40 تي مقرر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جهڏو واسي نوجوانن شهيد يونس پنيرو ۽ شاهزيب پنيرو جي پهرين ورسي تقريب

شهر جي سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪري شهيد نوجوانن جي تصوير مٿان گلن جي ورڪا ڪري ٻيٽا پيش ڪئي

يونس پنيرو ۽ شاهزيب پنيرو ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي سامان لاءِ ڪراچي وڃي رهيا هئا تہ ٻئي نوجوان رودِ حادثي جو شڪار ٿي ويا : اڳواڻ

نوجوان ٻوڏ متاثرن جي تڪليفن کي ڏسي انهن جي مدد ڪرڻ جي جذبي سان نڪتا هئا جيڪو اسان کان هميشہ لاءِ وچڙي ويا

جهڏو (رپورٽ) جهڏو ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي سامان کڻي اينڊي رستي ۾ رودِ حادثي جو شڪار ٿي پنهنجي جان جونڌرانو ڏيندڙ ٻن جهڏو واسي نوجوانن شهيد يونس پنيرو ۽ شاهزيب پنيرو جي تصوير مٿان گلن جي ورڪا ڪري ٻيٽا پيش ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نئون ڪوٽ ۾ اغوا ٿيل پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، عوامي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت، هندو برادري سول سوسائٽي پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، نعريبازي

پريا ڪماري سميت ٻين مغوين کي اغوا ڪرڻ پويان سردارن جو هٿ آهي، پوليس سردارن ۽ ڏاڙيلن کي پروٽوڪول ڏيڻ ۾ مصروف آهي : مظاهرين

هندو ڀائرن کي اغوا ڪري گر ڪرڻ پويان وڏي سازش آهي، هو چاهين ٿا تہ اصلي ڌرتي ڌڻي ٻي دخل ٿي وڃن جيئن ڌرين کي آباد ڪيو وڃي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) ڪشمور مان اغوا ٿيل معصوم پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ نئون ڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، عوامي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت، هندو برادري سول سوسائٽي پاران پريس ڪلب کان مين خواجہ چوڪ تائين ريلي ڪڍي ريلي مين روڊ تي

نئون ڪوٽ : ڪشمور ڏرٽي جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو پيو وڃي

نئي ۾ پ پ شهيد پٽو جي جنرل بادي جو اجلاس، شهيد مرتضيٰ جي ورسي ڏام ڏوم سان ملهائڻ جو فيصلو

ٽٺو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) پ پ شهيد پٽو جي جنرل بادي جو اجلاس ضلعي صدر بابر احسان پٽو جي صدارت ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ فيصلا ڪيا ويا تہ شهيد مرتضيٰ جي ورسي ڏام ڏوم سان شاهراہ شاهہ شادي هال ۾ ملهائي ويندي، ٽٺو سٽي جي بادي توڙي ٽئين آرگنائزر ڪاميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ چيف آرگنائزر ذوالفقار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سجاول ۾ ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بٽيل

هندو پنچائت پاران مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي

مغوين جي بازيابي لاءِ 48 ڪلاڪن کان پرامن ڏرٽو هڻي ويٺلن تي پوليس چڙهائي برداشت نہ ڪبي : مظاهرين

ڪشمور پاڙن سان هر معاڻ تي گڏ آهيون، پريا ڪماري ۽ مغوين کي بازياب ڪرايا وڃن ۽ ڏاڙيل ڪلچر کي ختم ڪيو وڃي

سجاول (رپورٽر ممتاز علي نهڙيو) ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بٽيل، سجاول ۾ ٻہ هندو پنچائت سجاول پاران مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، ريلي ۾ هندو پنچائت جو صدر ڊاڪٽر هوت چند، عوامي تحريڪ اڳواڻ حسين آزاد، نجيب سرويچ، صوفي سنگت اڳواڻ سلطان ڪوسو، شهيد پٽو اڳواڻ نثار ميمڻ، ڊاڪٽر شام ڪمار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪراچي ۾ پوليس جي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي

پوليس اسٽريٽ ڪرمنل گروهہ جي چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدارن جي قبضي مان 2 عدد 9 ايم ايم پسٽل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي بلال ڪالوني ۾ پوليس جي ڳجهي اطلاع ۽ سي سي ٽي وي نتيجي جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي ڪندي اسٽريٽ ڪرمنل گروهہ جي چئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ڪيل جوابدارن جي قبضي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پلاسٽڪ جون پوريون ماحولياتي منظوري بعد ناهي سگهجن ٿيون : ارشد ولي محمد

جيستائين سنڌ حڪومت پاران نوٽيفڪيشن جاري نہ ڪيو ويندو تيستائين ڪارروائي ڪئي ويندي

جيڪڏهن انوائرمينٽل ايڪٽ 2014 جي پڄڙي ڪئي وئي تہ مالڪن خلاف ڪارروائي ڪنداسين

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ جي نگران وزير ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي ۽ سياحت واري وزير ارشد ولي محمد جي هدايت تي سنڌ انوائرمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) جي ڊائريڪٽر جنرل نعيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز : ڪامورا مختلف فيڪٽرين جو معائنو ڪري رهيا آهن

مورو پوليس جو فحاشي جي اڈي تي ڇاپو، عورتون ۽ مرد گرفتار، ڪيس داخل

پوليس فحاشي جي اڈي تي ڇاپو هڻي ٻن مردن ڌاڪب بروهي، سلطان پراچا ۽ ٻن عورتن کي گرفتار ڪيو

ڪارروائي دوران 3700 روپيا روڪ رقم هٿ ڪري جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو پوليس جو فحاشي جي اڈي تي ڇاپو 2 سدا سهاڳشين ۽ مرد رنگ رليون ملهائيندي گرفتار ڪيس داخل، مورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مويا پوليس جي حد ۾ ڏينهن ڏني جو مرغي جي واپاري کان رقم قرار

قرٿيل پئيسا ۽ موبائل فون هڪدم قانوني مدد سان واپس ڪرايا وڃن : احسان پنجابي

جيڪي بہ ملوث ڏوهاري هوندا ڪين جلد از جلد گرفتار ڪيو ويندو : ايس ايچ او

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) مويا پرسان درگاهہ بادل شاهہ وٽ ڏينهن ڏني جو مرغي جي سيلز مين احسان پنجابي کان موٽر سائيڪل سوار ٽن ٻٽ ٻڌل هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي مرغي سان پريل سوزوڪي گاڏي روڪي 80 هزار ڪيش ۽ بہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

"اٽو 10 رپيا ڪلو ڪيو" جهڏو ۾ پورهيت پاران احتجاج

حڪمرانن جي نااهلي سبب ملڪ ۾ اٽي جا اڳهہ چوٽ چڙهي ويا آهن : راجا سوناڻي

ڏهاڙي ڌار پورهيت طبقو ڀوڪون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

جهڏو (رپورٽر) اٽو 10 رپيا ڪلو ڪيو. اسلام ڪوٽ مان هٽ ۾ سڪل ماني ڪٽي نڪتل پورهيت راجا سوناڻي عرف زندا پير ميڊيا سينٽر جهڏو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جهڏو : اٽو سستو ڪرڻ لاءِ پورهيت احتجاج ڪري رهيو آهي

"ٽريزري وارا رشوت گهرن ٿا" دادو ۾ استاد انصاف لاءِ عدالت پهچي ويو

بااثر ڪامورن رٽائرڊ استاد محمد بخش ڪورائي کان مبينا ڳري رشوت طلب ڪري ورتي

رٽائرمينٽ جي بقاياجات جاري ڪرڻ تي ڪامورا رشوت گهري رهيا آهن : استاد

دادو (ن سنڌيار) دادو جي ٽريزري آفيس پاران رٽائرڊ استاد ڪان رٽائرمينٽ جي مراعتن تي مبينا ڳري رشوت طلب. استاد انصاف لاءِ عدالت پهچي ويو. خزانا آفيس دادو جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حسن جان چنگيزي. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪڏڙو ۾ شهداءِ ڪربلا جي شهيدن چاليهي جي حوالي سان گڏجاڻي

سائين مولوي حافظ رياض سائين مصطفيٰ خلجي منصور پٽاڻ ۽ ٻين جي شرڪت

جلوس جي رستن تي سيڪورٽي جي حوالي انتظام انتهائي سخت ڪرڻ جو فيصلو

ڪڏڙو (رپورٽ ثناءالله تالپر) حضرت امام حسين عليہ سلام شهداء ڪربلا جي شهيدن چاليهي جي حوالي سان امن امان جي صورتحال بابت شهرين مذهبي اڳواڻن جي پوليس انتظاميا سان گڏجاڻي ڪئي وئي. خبر موجب حضرت امام حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪڏڙو : شهداءِ ڪربلا جي چهلر بابت ٽيل گڏجاڻي جو ڏيک

بلڙي شاهہ ڪريم ۾ بيروزگار نوجوا پاڻ کي باهہ ڏئي ڇڏي

نوجوان شاهين عرف جمعون کي ڳڻتي حالت ۾ اسپتال داخل ڪيوويو

شهرين چنڊو ڪري متاثر نوجوان کي اسپتال داخل ڪرايو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) بلڙي شاهہ ڪريم جي ڳوٺ رحيم بخش رند جو رهواسي بيروزگار نوجوان شاهين عرف جمعون رند بيروزگاري، ٻک، غربت سبب پاڻ مڃان پيٽرول هاري باهہ ڏئي ڇڏي باهہ سبب نوجوان سخت زخمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڏاڙيل پوتار کو نظام هٿ ڪري ماڻهو پريشان آهي : راجيش ڪرش پيل

سنڌ ۾ هندو توڙي مسلمانن کي ڏاڙيل اغوا ڪري ڀڃڻ عيوض آزاد ڪندا آهن

اڄ جڏهن سنڌ جو شعور جاڳي پيو آهي تڏهن اهي ساڳي مغوي آزاد ٿين پيا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) نواز ليگ سنڌ جي سينئر نائب صدر راجيش ڪرش پيل جيو آهي تہ سنڌ ۾ ڏاڙيل پوتار کو نظام هٿ ڪري عام ماڻهو پريشان آهي اتر سنڌ ۾ هندو توڙي مسلمانن کي ڏاڙيل اغوا ڪري ڀڃڻ عيوض آزاد ڪندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شڪارپور ۾ قومي عوامي تحريڪ جو اجلاس

بنيادي مسئلن صحت ۽ امن امان جي حل لاءِ شڪارپور مان 20 گاڏين جو قافلو نڪرندو

حيدرآباد ۾ مرڪزي جلسي لاءِ شڪارپور مان 20 گاڏين جو قافلو نڪرندو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي جو اجلاس مرڪزي اڳواڻ روشن ڪنراڻي جي صدارت ۾ عوامي هاؤس تي ٿي گذريو. شڪارپور جي بنيادي مسئلن صحت ۽ امن امان جي حل لاءِ تحريڪ هلائي ويندي. حيدرآباد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شڪارپور : قومي عوامي تحريڪ جي اجلاس جو ڏيک

سڪر ۾ فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن پاران صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري خلاف احتجاج

صدر فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن قذافي شاهہ، نائب صدر اشفاق ڪرسو، ايس يو جي صدر امداد بوزدار، جنرل سيڪريٽري اختر رضوي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

حڪومت جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، مڪ قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري تائين جدوجهد جاري رهندي : مظاهرين

صحافي جان محمد مهر کي رچ شهر ۾ شهيد ڪيو ويو جيڪو انسوسناڪ واقعو آهي جيسي تائين سمورا قاتل ۽ سهولتڪار گرفتار نہ ٿيندا احتجاج جاري رهندو

سڪر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر جي شهيد جان محمد مهر جي قتل معاملو فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن سڪر پاران قاتلن جي گرفتاري خلاف احتجاج، ايس يو جي، ايس پي سي، ڪورٽ رپورٽرز ايسوسي ايشن جي عهديدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

غلام الله پرسان نامعلوم شر پسند گهڙي پڄ ڌاهہ ڪري قيمتي سامان چوري ڪري ويا

غلام الله (رپورٽر) غلام الله پرسان ڳوٺ امام بخش ڳاهو ۾ رات ڌير سان نامعلوم شريسندن قائم قديم مهاديو مندر ۾ گهڙي پڄ ڌاهہ ڪري قيمتي سامان چوري ڪري ويا ڳوٺ امام بخش ڳاهو ۾ مسلسل چوري جو آزار برقرار رهيو آهي ڳوٺائن جي شڪايتن باوجود/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سڪر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نئون ڪوٽ ۾ يوم دفاع جي حوالي سان تقريب منعقد

تقريب ۾ تعليم ڪاتي جي آفيسرن، استادن، شاگردياڻين ۽ شهرين جي شرڪت

هندو ڪائونسل پاران اسڪولي شاگردياڻين لاءِ ٻينچون، ڪتاب ۽ ڊريسون تقسيم

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ جي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نئون ڪوٽ ۾ يوم دفاع جي حوالي سان تقريب منعقد. تقريب ۾ تعليم ڪاتي جي آفيسرن، استادن، شاگردياڻين ۽ شهرين جي شرڪت. هندو ڪائونسل پاران اسڪولي شاگردياڻين لاءِ ٻينچون، ڪتاب ۽ ڊريسون تقسيم، خبر موجب نئون ڪوٽ جي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ 6 سيپٽمبر يوم دفاع جي حوالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

خانپور مهر ۾ معصوم نينگري پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌ ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ لڳندڙ ڏرٽن جي حمايت ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنيوويو

سنڌ اندر ڪيترائي ماڻهو اغوا ڪري ڪين باندي بڻايو ويو آهي، هر آئي ڏينهن پنگ لاءِ مسڪين ماڻهن کي اغوا ڪيو پيو وڃي : اڳواڻ

سنڌ ۾ بدامني عروج تي پهچي چڪي آهي هر ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيو آهي، روزانو اغوا ڦرون ۽ ڏاڙا روز جو معمول بڻيل آهن

خانپور مهر (رپورٽ : آفتاب سيال) خانپور مهر ۾ ڪشمور، پنوعاقل سميت پوري سنڌ ۾ ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن سان اظهار يڪجهتي طور ۽ معصوم نينگري پريا ڪماري سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ خانپور مهر ۾ مختلف ڏرين پاران ڌار ڌار احتجاجي مظاهرا ڪري ڏرٽا هنيا ويا. نعريبازي خبرموجب ڪشمور ۽ پنوعاقل سميت پوري سنڌ ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ لڳندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خانپور مهر : سنڌ مان اغوا ٿي ويل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين جي ٻن صحافين کي اغوا ڪري تشدد جو نشانو بڻائڻ جو انڪشاف

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ايس پي بدين جي حڪم تي بدين جي ٻن صحافين کي اغوا ڪري سي آئي اي سينٽر ۾ چار ڪلاڪن تائين تشدد جو نشانو بڻايو ويو منهنجي خلاف هاڻ توهان لکيو تہ جتي بہ منهنجي پوسٽنگ ٿيندي اُن ضلعي جي هر ٿاڻي تي بدين جي صحافين تي ڪيس داخل ڪندس ايس ايس پي چاڇڙ جي صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اسلام ڪوٽ ۾ ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ايس ايس پي قسطن ۾ ماڻهو واپس ڪري رهيو آهي، اقليتي برادري کي تحفظ ڏنو وڃي : مظاهرين

سمورا مغوي فوري طور بازياب ڪرايا وڃن هر محاظ تي ڪشمور جي پاڙن سان گڏ آهيون

ڪچي ۾ ويٺل ڏاڙيل ۽ پڪي جي سردارن ۾ ڪو بي فرق ناهي سردارن جو گهيرو تنگ ڪيو وڃي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ڪشمور جي مغوين جي بازيابي لاءِ سڄي سنڌ ۾ لڳل ڏرٽن جي حمايت ۾ جي ڊبليو سي ۽ نوجوانن جي سڌ تي اسلام ڪوٽ ۾ احتجاجي مظاهرو خبر موجب شهر جي سياسي سماجي اڳواڻن اشرف سمون پورل شاهہ، محسن لنجو، چام غني سميجو مهيش ڪمار پورالال پيل روشن گرناڻي ۽ ٻين پاران اسلام ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شڪارپور جي پريس ڪلب ۾ سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي عنوان هيٺ سيمينار

لسبيلا، ملتان، هندستان جي راجپوتاڻہ جيسل مير، جوڌ پور تائين هيون، سنڌ جو حال بيحال، ماضي شاندار ۽ مستقبل جو ڪوبہ پتو نہ آهي : اڳواڻ

اسان جي ضلعن شڪارپور، گهوٽڪي، ڪنڌ ڪوٽ ـ ڪشمور، سڪر توڙي خيرپور ۾ بدامني سبب جيئڻ جنجال آهي، پوليس آپريشن ڪيا پرامن نہ مليو آهي

ڪرپشن گناهہ جي جڙ آهي جنهن جي خاتمي سان سنڌ جو عوام خوشحالي واري زندگي گذاريندو، جنهن لاءِ جدوجهد جي ضرورت آهي، شڪارپور ۾ بدامني معيشت کي ختم ڪري رهي آهي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي پريس ڪلب ۾ قوم پرست اڳواڻ اغا ظفرالله عرف شاهين خان پٺان پاران سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي عنوان هيٺ سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو سيمينار ۾ مختلف سياسي، سماجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شڪارپور : پريس ڪلب ۾ ڪوئاليل سيمينار کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

ٽرپارڪر جي ڪافي ايريا ۾ فصل سڪڻ لڳا، مالوند پريشان ٿي ويا

چاڇرو/ٽرپارڪر (رپورٽر) هن سال منداڻتيون برساتون نہ پوڻ جي ڪري ٽرجي ڪافي ايريا ۾ فصل سڪڻ لڳا مال مويشي لاءِ بہ گاهہ ڪونهي مالوند پاڳيا سخت پريشان هڪ پاسي مهنگائي عروج تي ڪڻان مال جو پراهو ڪن ڪين پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالين ڪو ڍڳ ڍور ڪري وغيره پڙي ۾ وڻي وڃن تہ هتي وري واپارين جا ريٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خانپور ۽ پرپاسي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، انتظاميہ جي نااهلي خلاف احتجاج، نعريبازي

موٽر سائيڪل، موبائل فونز ۽ 15 هزار ڦر، نادرا آفيس آڏو نامعلوم چاڻي چور عبدالشڪور جي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا

ڦرواقعي خلاف متاثرن پاران نيشنل هاءِ وي چاڙا اسٽاپ تي روڊ بلاڪ ڪري ڏرٽو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي

احتجاج بعد چوري ٿيل سامان جي واپسي، ٻن ڪلاڪن کان لڳل ڏرٽي تي پوليس پهچي خاطري بعد روڊ کولرايو ويو

خانپور (رپورٽ عترق ابڙو) خانپور ۽ پرپاسي ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، خانپور واسين کان قومي شاهراهہ جيل چورنگي تي موٽر سائيڪل، موبائل فونز ۽ 15 هزار ڦر، نادرا آفيس آڏو نامعلوم چاڻي چور عبدالشڪور جي موٽر سائيڪل چوري، ڦر واقعي خلاف متاثرن پاران نيشنل هاءِ وي چاڙا اسٽاپ تي روڊ بلاڪ ڪري ڏرٽو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي، انتظاميہ جي نااهلي خلاف نعريبازي، چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان ۾ ڪشمور ۾ لڳل مغوين جي بازيابي لاءِ ڏرٽي جي يڪجهتي لاءِ احتجاجي مظاهرو

نوجوان اتحاد شيخ پرڪيو ۽ مختلف برادرين جي نوجوانن امام علي ٿهيم ذوالفقار خاصخيلي بابر شيخ قاضي خان راهيمون سلمان ميمڻ اسد وساڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪشمور شهر ۾ ڏرٽو هڻي تاريخ رقم ڪئي آهي سنڌن شعور جي ڪري هاڻ سنڌ سڄي سرداري نظام ۽ ڏاڙيل ڪلچر خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهي : مظاهرين

پوتار ۽ ڏاڙيل ڪلچر مانيا پنهنجي پليٽ اڙائن جي ڪري امن کي ڌاڪو تي لڳائي رهيا آهن سنڌ جا نوجوانن هاڻ سڄاڳ ٿي چڪا آهن سنڌن پليٽ اڙائن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيندا

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ڪشمور ۾ لڳل مغوين جي بازيابي لاءِ ڏرٽي جي يڪجهتي لاءِ نوجوان اتحاد شيخ پرڪيو ۽ مختلف برادرين جي نوجوانن امام علي ٿهيم ذوالفقار خاصخيلي بابر شيخ قاضي خان راهيمون سلمان ميمڻ اسد وساڻ سلام الله ٿهيم جاويد لاڪو زبير ڪاٽيار غلام مصطفا ڪاٽيار سجاد علي ٿهيم رفيق ٿهيم محمد قاسم عارفاڻي غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان : ڪشمور مان اغوا ٿي ويل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسان توهان جي قانوني مدد سان گڏ انهن مظلومن جي بہ مدد ڪنداسين : وڪيل طاهر حسين

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻو وڪيل طاهر حسين ابڙو وڪيل امان الله شيخ سٽي پريس ڪلب

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 06 سيپٽمبر 2023ع

اجتماعي شعور جو شينهن ڪر موڙيو اٿيو آهي

ڪشمور_ ڪنڌڪوٽ ضلعي جا مغوي بازياب نه ٿيڻ تي ڪالهه چوٿين ڏينهن به سنڌ_ پنجاب_ بلوچستان دنگ تي هندو پنچائت، سياسي ڌرين ۽ سول سوسائٽي جو ڌرڻو جاري رهيو. ضلعي جي مختلف شهرن ۾ ڪاروبار بند ۽ هڙتال آهي. هاڻي ته سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڌرڻا ۽ احتجاج شروع ٿي ويا آهن. ڪلفٽن ڪراچيءَ تي لڳل ڌرڻي ۾ سنڌ جي گهرو معاملن جي نگران وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ اڳوڻي صوبائي وزير شبير بجارائي ڌرڻو هنڌڻ سان گڏ الهيون ڪري ٻن مغوين جي بازيابيءَ جي خوشخبري ڏني ۽ ٻين مغوين جي بازيابيءَ لاءِ 24 ڪلاڪن جي مهلت وٺي ڌرڻو ختم ڪرايو پر اهي واعدا وفا نه ٿيا ۽ هي ستون لڪجڻ تائين، مغوي بازياب نه ٿي سگهيا هئا.

سنڌ جي اجتماعي شعور جو شينهن ڪر موڙيو اٿيو آهي ۽ جن کي اهو مغالطو ۽ غلط فهمي هئي ته سنڌ سدائين سٽل ئي رهندي، چو ته انهن سنڌ جي ڪاوڙ کي ڪجهه رعايتن، آمدني ۾ اعانت وارن پروگرامن ۽ ڪجهه آسرن ۽ ڊلاسن ذريعي فتح ڪري ورتو آهي. انهن جون اهي سياسي شعبديبازيون وقعت وڃائي ويٺيون آهن. ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ چپرائڻ واري جدوجهد هجي، زمينن جي نيلام خلاف هلايل تحريڪ هجي، ون يونٽ مخالف هلچل هجي يا وري جمهوريت جي بحالي واري 1983ع واري تحريڪ (ايم آر ڊي) هجي، سنڌ جدوجهد ۽ عمل جي ميدان ۾ هميشه اڳيري رهي آهي. ايم آر ڊي واري جدوجهد ڪانپوءِ (40 سالن ڪانپوءِ) اهو پهريون پيرو آهي، جو سنڌ ۾ ايڏي ڪاوڙ ۽ عوام ۾ ايترو اتحاد نظر اچي رهيو آهي. البته ان کان اڳ سنڌ جي عوام محترما بينظير ڀٽو جي شهادت تي سخت ڪاوڙ ۽ رد عمل جو اظهار ڪيو پر شهيد محترما جي پارٽي جي قيادت ان ڪاوڙ کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ بدران سوڳ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هن وقت سنڌ جو عوام هونئن ته ڏاڙيل گردي، بدامني، ڏوهن ۾ ملوث "اشرافيا" ۽ ان جي "مجرم سپاهه" (ڏاڙيل) خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي، پران ڪاوڙ ۽ گذريل ڏيڍ ٻن ڏهاڪن جي خراب حڪمراني، ڪرپشن، سنڌ جي گهڻ رخي بربادي، وسيلن جي پيل سميت مختلف نا انصافيون تي سنڌ جي عوام جو غصو پڻ موجود آهي، هاڻي اهو معاملو صرف هندو پنچائت جو ناهي رهيو. هن وقت عوام روڊن تي آهي ۽ جن انهن کان ووٽ ورتا، اهي ڏسڻ ۾ نٿا اچن. باقي حال ته نگران حڪمرانن جا به پورا سارا آهن. سنڌ جي گهرو معاملن جي نگران وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز ڏاڙيلن خلاف انٽيليجنس جي بنياد تي آپريشن جو اعلان ته ڪيو آهي پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته وزير موصوف مغوين جي آزاديءَ جي خوشخبري، اڳوڻي صوبائي وزير شبير بجارائي ۽ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب سان گڏجي ڪلفٽن ڪراچيءَ واري ڌرڻي ۾ ڏيئي ڌرڻو ختم ڪرايو هو ۽ ٻين مغوين جي آزاديءَ لاءِ 24 ڪلاڪن جي مهلت وٺي ڌرڻو ختم ڪرايو هو ۽ ٻين مغوين جي بازيابيءَ لاءِ 24 ڪلاڪن جي مهلت ورتي هئي پر اهي مغوي، هي ستون لڪجڻ تائين، بازياب ناهن ٿي سگهيا، جنهن مان نگران گهرو وزير جي بيوسيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جي واقعي به نگران گهرو وزير ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙن سردارن جي اڳيان ايترو بيوس آهي ته اهو ڏاڙيل خلاف ڪهڙو آپريشن ڪرائي سگهندو؟ اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته سنڌ ۾ ڏوهه، سرپرستي جي چٽي هيٺان اُسري ۽ نسري ٿو. سنڌ ۾ اغوا انڊسٽري جي ديوَجو ساهه جنهن طوطي ۾ آهي، ان طوطي جو نالو آهي "يوتار". ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ "اشرافيا" کي ناڪيلي وجهبي ته ڏوهه پاڻهي گهٽ ٿي ويندا پر هتي ته پير ۾ لڳل ڪنڊو ڪيڏو لاءِ گوڏو پيو ڪوٽجي ۽ ڪنڊو وري ڪياڙيءَ مان پيو ڪڍجي.

سنڌ جي شهرن جا چوڪ هن وقت 'التحرير اسڪوائر' بڻيل آهن. مطالبو صرف چند مغوين جي آزاديءَ تائين محدود نه آهي، هر پاسي ڪان گهر اها آهي ته سنڌ ۾ پاليل بدامني جي انهن راڪاسن جو خاتمو آندو وڃي، پڪي ۽ ڪچي جي ڏاڙيلن خلاف سخت آپريشن ڪيو وڃي، سنڌ ۾ جهيڙيندڙ برادرين ۽ قبيلائي دهشتگرديءَ ۾ ملوث ماڻهن کي بي هٿيار ڪيو وڃي ۽ اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي ممڪن ٿيندو، جڏهن سنڌ ۾ هٿيارن جي پهچ ۽ وڪرو ختم ٿيندو ۽ ان جا رستا ۽ گهٽ گهيڙ بند ٿيندا. سنڌ ۾ هن وقت جيڪو تاريخي اپار آيو آهي، اهو ڪنهن به ريت انارڪي ۽ تشدد جي راهن تي نه وڃڻ گهرجي. امن امان سنڌ جي ماڻهن جو حق آهي، شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت رياست جي آئيني ذميواري آهي. سنڌ جا ماڻهو رڳو اها ذميواري احسن طريقي سان پوري ڪرڻ جي گهر ڪري رهيا آهن. بدامني ۽ ڏاڙيل گردي وڏائي سنڌ تي مسلط ڪيل ذهني ۽ نفسياتي جنگ هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي.

سائنس، انجنيئري ڄاڻ ۽ ادارتي سربراهي

محمد احسان لغاري

تاج برطانيه جي غلامي کان آزادي تائين، برطانيه جي انتظامي ميراث اڄان تائين پاڪستان سميت هندستان، سري لنڪا، بنگلاديش، مليشيا، ڪينيا، تنزانيه، زيمبيا، بوسٽوانا ۽ يوگينڊا ۾ محسوس ڪئي ٿي وڃي. انهن مان ڪافي ملڪن ان بيلڪي انتظامي سوچ ۽ عمل ۾ تبديليون ڪيون آهن. پاڪستان ۾ به ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. اهي انتظامي سڌارا جن ۾ ڪامورن جي 'ملڪ جي خادم هجڻ' جي ڪردار کي عوامي حڪومتي خادم جي ڪردار ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، گهڻو ڪري ناڪام ويا آهن. اڄ ان "افسر شاهي جي نظام جي سڌارن" بابت نٿا ڳالهايون. اڄ ادارتي سربراهي لاءِ، اداري جي پنهنجي هيئت جي نسبت سان انجنيئري ۽ سائنسي ڄاڻ جي ڪجهه پهلوئن تي ڳالهايون ٿا.

جيستائين ادارتي سربراهيءَ جي ڪارڪردگي سنڌ جي حوالي سان آهي، ان ۾ "سپريئر سروسز" هجي، سنڌ جا پنهنجي ڪميشن مان پاس ٿيل هجن، چور دروازي کان آيل هجن، انجنيئرنگ شعبي جا هجن، سيني ڪيڊر وارن پوزيشن تي ڪيڊر وارا پٽڪيدار هجن، ذري گهٽ سڀ هڪ جهڙا آهن. جهڙيون تي ويهون تهڙا سٽ! اڄ جي دنيا ۾، اڪويهين صديءَ جي ٽين ڏهاڪي ۾ جڏهن ماحولياتي مسئلا، موسمياتي ڦيرگهير جي ڪري دنيا ۾ ايندڙ آفتون ۽ وڏندڙ ڇيها، پاڻي جي اڻاٽ، وڌندڙ آبادي، شهرن جو تمام گهڻو وڌڻ (شهري آبادي)، مصنوعي ذهانت، ڪمپيوٽر جي اڳوائي واري ماڊلنگ، انٽرنيٽ ۽ پيون گهڻيون ايجادون، جيڪي ادارتي وهنوار کان وٺي انتظام ڪاريءَ لاءِ گهڙي پيون آهن، اتي ڪئي اهم ادارا روايتي افسر شاهيءَ جي انتظام ڪاريءَ ۾ نه آهو لاڳو ڏئي سگهندا ۽ نه ئي وري مؤثر ٿي سگهندا.

سنڌ جي مختلف کاتن تي جيڪڏهن نظر ٿا وجهون ته ان ۾ سائنسي ڄاڻ ۽ انجنيئري جي حساب سان ڪئي کاتا نظر ايندا! انهن سيني کاتن ۾ پنهنجي شعبي جا ماهر هوندا آهن. ان ڪري جيڪو دليل ڏنو ٿو وڃي ته سيڪريٽري کي ادارتي سربراهي جي حساب سان "رولز آف بزنس" قانونن، قاعدن تي عمل ڪرائڻو هوندو آهي ۽ هو صرف انتظامي سربراه آهي. ان ڪري ان جي سائنسي، لاڳاپيل شعبي جي يا انجنيئري ڄاڻ جي ڪا اهميت ڪونهي. رٽائيندي، نائي هنري تعليم، پائيدار ترقي جا 17 مقصد، عالمي صحت اداري جا پاڪستان لاءِ تارگيٽ، پاڻي ۽ موسمياتي ڦيرگهير، توانائي، ٽرجي ڪوئلي کان وٺي ماڙي گئس تائين، سمنڊ، سنڌ جو وجايل حق، ٻوڏ ۽ سوڪڙو انهن مسئلن جي لاءِ عام افسر شاهي جي گهاڙيتي وارو سرشتو ان پورو آهي ۽ وڌيڪ بگاڙ پيدا ڪندڙ آهي. سڄي دنيا، پنهنجي دفاعي، سائنسي، سماجي، اقتصادي ۽ ٻين ادارن ۾ انفرادي حيثيت کان وٺي ادارتي سروائي تائين "ڄاڻ جي انتظام ڪاري" کي اپنائين پيا حال ۽ مستقبل جي چئلينجن کي ڏسندي دنيا جا ملڪ بهتر انتظام ڪاري سان گڏ ادارتي ڄاڻ ۽ صلاحيتن کي چڱن سطحن ۾ بهتري آڻڻ جون ڪوششون ڪن پيا. هڪ انفرادي سطح تي ڪنهن به ادارتي فرد جي ڄاڻ، تجربي، ڏان، هنر، اعتماد ۽ رويي کي ڪيئن بهتر ڪجي. پيو ته ادارتي سطح تي قانونن، قاعدن، ڪم ڪرڻ جي طريقي، روزاني جي بنياد تي ٿيندڙ ڪم ڪار ۾ بهتري آڻجي. ٽيون اهم ڪم اهو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به اداري مان بهتر ڪم جون اميدون آهن ته ڇا ان کي اهڙي قسم جون ماحول، حڪومتي ڀڻ، انتظامي ڍانچو، ڪم ڪرڻ جون حالتون ڏنيون ويون آهن يا نه. چوٿون اهو ته ادارن کي فعال ۽ جوابده بڻائڻ لاءِ سول سوسائٽي متحرڪ صورت ۾ آهي يا نه.

ان چئن حالتن لاءِ جيڪڏهن جائزو وٺبو ته ڳالهيون اُن جي اُبتڙ آهي. نوڪرين عام طور تي ميرٽ تي ڪونه ملن ٿيون ان ڪري انفرادي قابليت تمام گهٽ هوندي آهي. وري ادارتي طور تي ترقيون ڪنهن امتحان، ڪارڪردگي، بهتر تجربي جون محتاج ناهن، ۽ نه ئي وري ادارن ۾ تربيت، سکيا جو ڪو ترتيب وار پروگرام موجود آهي، ان ڪري گريڊن جي ترقي جي حساب سان سينيئر جاين واري ليڊرشپ دستاويزي ڪارروائي ۽ لاڳاپيل ادارن جا ڏن پري اڳتي پهچيو وين. ساڳئي نموني ميرٽ تي پرتي ٽيل چٽاپيتي وارن امتحانن (سي ايس ايس، پي سي ايس) تان آيل آفيسر هڪ ٽريننگ جي نظام مان ضرور گذرن ٿا. ان سڄي طريقي جي مقصديت اڳين گريڊ ۾ پهچڻ جي ضرورت ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونهي! صوبائي سطح تي انهن آفيسرن جي ڪارڪردگيءَ ۾ عام رواجي ۽ انگريز جي وقت "پوليٽيڪل ايجنٽ" جهڙي آهي، جيڪو پنهنجن حاڪمن جا حڪم مڃي ٿو ۽ رعيت سان ان حساب سان ٿي هلي ٿو. ادارتي بهتري، ماڻهن جي تربيت، ادارتي تارگيٽ ۽ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ نه هن جو ڪوهٽ هوندو آهي، نه ئي هن کان ڪو اهڙو پڇاڻو ٿي ٿو ۽ نه ئي وري اِها هن جي پنهنجي ڪيريئر جي ترجيح هوندي آهي. جيڪو به ڪو بهتر آفيسر جو مثال موجود آهي، اهو ان جي پنهنجي شخصيت جو ڪمال آهي، نه ڪي سياسي طرز حڪمرانيءَ ۽ ادارتي نظام جو نتيجو!

جيڪو طرز حڪمراني جو نظام برپا ٿيل آهي، ان ۾ سيئي هڪ ئي صف ۾ بيهڻ آهن. بهتر يا خراب، ٻين سين شعبن کي هڪ جهڙو رکندي، اڄوان ڳالهه تي ٿورو ويچارين ته ڇا بهتر سائنسي، علمي، انجنيئري، پنهنجي شعبي جي مهارت واري ڄاڻ وارو ادارتي سرواڻ بهتر آهي يا "ڪيڊر وارو سي ايس ايس / پي ايس ايس" ڪيل اڳواڻ بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿو. شعبن جو تعداد گهڻو آهي، ان ڪري شايد هر شعبي کي شامل ڪرڻ ناممڪن ٿيندو ان ڪري "پاڻي" واري شعبي تي ڪجهه ڏي وٺ ڪجي ته بهتر آهي. پاڻي جي سياسي اڳوائي کان وٺي ادارتي اڳوائي تائين ايڪويهين صديءَ جون ضرورتون باقي شعبن جي حساب سان بلڪل مختلف آهن. سنڌ لاءِ خاص ڪري پاڻيءَ جي ورڇ، سنڌ تائين پاڻيءَ جو گهٽ پهچڻ، سامونڊي پاڻي جو چاڙهه، سُڪندڙ ڍيلن، بلوچستان ، پنجاب ۽ سنڌ جو پنهنجي درينيج جو پاڻي، سنڌ طاس معاهدو 1991 اڪارڊ، موسمياتي ڦيرگهير، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي شهر ڪراچي ، ٻين شهرن ۾ بهرازيءَ لاءِ پيئڻ جو پاڻي، سنڌڙو ۾ مٽان کان وٺي ۽ سنڌ اندران ايندڙ گدلاڻ جهڙا تمام وڏا مسئلا آهن، جنهن کي عام مروج طريقن سان حل نٿو ڪري سگهجي.

پاڪستان ۾ سنڌ جي پاڻيءَ جي پاليسي چٽي نموني ڏس ڏين ٿيون ته پاڻيءَ جي انتظام ڪاريءَ جو مربوط نظام هلايو ويندو ان لاءِ "آبپاشي ڪاتي" ۾ سڌارا آندا ويندا ۽ ان کي هڪ "آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي ذريعن جي انتظام ڪاريءَ جو ڪاتو" بڻايو ويندو ان سان گڏ جر جي پاڻيءَ جي انتظام ڪاريءَ، آبادگار تنظيمن کي سڄي سنڌ ۾ وسيع ڪرڻ، پاڻيءَ جي معيار کي بهتر ۽ يقيني بڻائڻ، ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر، ڍيلنا ۽ ٻن غير آبپاشيءَ علائقن ۾ پاڻي جي انتظام ڪاريءَ ڪرڻ، ٻوڏن ۽ سوڪڙي کي ڏور رس انتظامن جي نظر سان ڏسڻ پڻ ان نئين تبديل ٿيل کاتي کي ڪرڻو هوندو.

حڪومتن کي ان ڳالهه جو احساس ڪرڻو پوندو ته هي سنڌ ۽ پاڪستان جي مستقبل جو سوال آهي، ان ڪري پاڻيءَ جي ان اهم اداري کي "وڏن پراجيڪٽن ۽ ان مان ٿيندڙ ڪمائي ۽ وڏن ماڻهن لاءِ اَڪا واتر (�ائريڪٽ آئوٽ ليٽ) ڏيڻ وارو ڪاتو نه سمجهيو وڃي. ان ۾ نواڻ، ميرٽ، شفافيت سان بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

جيڪڏهن تاريخي طور تي ڏسون ته سنڌ جي پاڻيءَ جو ڪيس يا ته سپاسدانان يا اداري جي انجنيئر سربراهن وڙهيو آهي. 1945ع سنڌ طاس معاهدو جيڪو گڏيل هندستان ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ جي باري ۾ هو، تنهن ۾ بنيادي ڪردار انجنيئر سيڪريٽرين جي_ايل گرانٽ ۽ ايس_جي مصطفيٰ جوهر پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڪيترائي اهم تالا آهن، جن سنڌ جي پاڻيءَ جو ڪيس، پنهنجي ادارتي سربراه طور وڙهيو. ان ۾ سائين عبدالوهاب شيخ صاحب ۽ وري مشرف جي ڪلن دور ۾ سائين اي_اين_جي عباسي صاحب هڪ تاريخي ڪم ڪري ڏيکاريو. پاڻيءَ جي مسئلن کي حساب سان سمجهڻ ۽ ان جو حل ڳولهڻ جي صلاحيت ۾ ڪمي آهي. ٻيو ته ڪالهه جي ڳالهه آهي، ڪيترا ڏينهن اڳ ڪوٽري بيراج تي پاڻي جي ورڇ جي مسئلن کي ڪنهن قانوني مدد فراهم ڪندڙ ڊين ادارن کي آگاهه ڪيو ويو. جڏهن ته جيل سپرنٽينڊنٽ کي هدايتون جاري ڪيون ويون ته هو ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائين.

عياش پرست حڪمران ۽ بک وڳهي تڙپندڙ بيوس عوام

طفيل مگسي

اسان جي چوڌاري ۽ وک وک تي رب العزت جون هزارين نشانيون آهن. نه صرف اهو بلڪ اسان جي سوچ و فڪر جا دردريون پڻ ڪليل آهن. رب پاڪ جون ايتريون ته نعمتون آهن ته جنهن جو نه ڪي ڪو ڪاٽو ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي شمار ڪري سگهجي ٿو باوجود ان جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي اهو احساس ئي ناهي ته عام ماڻهو يعني الله تعالي جي سڀ کان پياري مخلوق(غريب، مسڪين ۽ بيوس) تي ڇا وهي واپري رهيو آهي ۽ اهو ڪهڙين ڪهڙين اذيتن ۽ تڪليفن کي منحن ڏئي رهيو آهي. اهڙي ئي قسم جي سنگدلي کي ڪهڙو نانءُ ڏنو وڃي. جيڪڏهن ان کي خود غرضي سان تعبير ڪجي ته ڪو واڌارو نه ٿيندو. شايد اشرافيا اهو سمجهي ٿي ته انهن سمورين نعمتن تي صرف سندن جو ئي حق آهي. يعني مال ودولت. وسيلن جا انبار. لڪن ڪروڙن جي پراپرٽي . بينڪ بيلنس ۽ بهترين حالتون انهن جو ڪو ڪمال آهي جو قدرت انهن کي ان ريت نوازي رهي آهي.(بنا ڪنهن محنت ومزدوري جي) ليڪن ائين ناهي بلڪ اهو سڀ ڪجه انهن جو امتحان به ٿي سگهي ٿو پاڪستان تي اهو موقف ناهي جيڪو ٻين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ غربت، دهشتگردي، بيروزگاري ، مهانگائي ، جسم فروشي، چوريون ،فرون، ڏاڙا،رهزنيون ۽ ٻين مسئلن جو سڀ کان وڏو سبب دولت جي غيربرابري واري ورهاست آهي.جنهن مسئلن پنهيان مسئلن کي جنم ڏئي ڪري عام. ماڻهن جون زندگيون دوزخ بڻائي ڇڏيون آهن.هن وقت غريب جن چيليجز کي منهن ڏئي رهيا آهن انهن جو بنيادي سبب اهو آهي ته سمورا وسيلا مٺ جيترن خاندانن تائين محدود ٿي ڪري رهجي ويا آهن ۽ اهي ئي مٺ جيترا ماڻهو جيڪي هٿرادو تقديرجا مالڪ بڻيل آهن پنهنجين دلين کي خواهشين جو قبرستان بنائڻ فڪر جي گهڙي آهي.اخبارون پڙهي ڏسو تين دنيا خاص ڪري ڏکڻ ايشيا ۽ غربت جي بنياد تي خودڪشيون ڪرڻ وارن جي انگ ۾ خوفناڪ حد تائين واڌارو ٿيو آهي. انهن حڪومتن سماجي تنظيمن ۽ صاحب پهچ وارن ماڻهن جي لاءِ گڏتي جو سبب ٿيڻ\ هٿ گهرجي. نه صرف اهوئي نه بلڪ هاڻي ته بک کان تنگ ٿي ڪري والدين ۾ پنهنجن ٻارڙن کي قتل ڪرڻ وارو لاڙو تيزي سان وڌي رهيو آهي.حالانڪ هر ٻار جي پيدائش هن ڳالهه جو اعلان آهي ته پروڊگار هن وقت به انسان کان مايوس ناهي ٿيو بلڪ انسان انسان کان ضرور مايوس ٿيو آهي.

اسان جي آس پاس سيڪڙين اهڙا فرد يقين موجود آهن ته جيڪي اهو سمجهن ٿا ته انهن جي زندگي جو هاڻي ڪو به مقصد ناهي رهيو. جيتري تيزي سان ماده پرستي اخلاقي قدر کي ڳڙڪائي رهي آهي. اهڙن ماڻهن جو انگ برابر وڌي رهيو آهي جنهن سان معاشري ۾ والدين جو احترام به گهٽ ٿي رهيو آهي. مطلب جي بنا ڪو ڪمهن کي سلام ئي نٿو ڪري. جتي دولت ۽ لالچ معنائون برابر ٿي وڃن. حڪمران کي پنهنجو پيٽ ۽ سياستدانن کي صرف سهوليتون عزيز ٿي وڃن جتي مذهب کي به مفاد حاصل ڪرڻ جو وسيلو بڻايو وڃي. جتي تڙپي تڙپي ۽ لڇي لڇي ڪري جيئڻ غريبن جو مقدر بڻجي وڃي. هڪ عالمي اداري دل کي ڏوڏي وجهڻ واري رپورٽ شايع ڪئي آهي.جنهن جي مطابق پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي. 75 ٪ کان وڌڪ شهري غريبت جي نهايت هيٺين لکير تي پهچي چڪا آهن جڏهن ته پارت ۾ صورتحال ان کان به سنگين آهي. بنگلاديش،مالديپ، يوڻان ۽ ٻين ڪيترن ئي افريقي ملڪن ۾ عام. ماڻهوزندگي جي هر قسم جي بنيادي سهوليتن کان محروم غربت جي سبب کان جگر جا ٽڪرا رکڻ تي مجبور آهن. سيڪڙين ماڻهو پنهنجا گردا وڪڻي چڪا آهن جڏهن ته هن وقت گردن جو واپار تيزي سان وڌندو پيو وڃي.جنهن ۾ ڪي ڊاڪٽر صاحب به ملوث آهن.اهو به چيو پيو وڃي ته انهن ملڪن ۾ جسم فروشي جو رخونڪ حد تائين واڌارو ٿي چڪو آهي.

اهو سڀ ڪجه غربت جهڙي لعنت جي سبب ڪان ٿي رهيو آهي.وسيلن جي اڻاٽ،طبقاتي پريشاني ۽ ذهني پريشر جي ڪارڻ به عام خاندان جا نوجوان منشيات ڏانهن رخ ڪندي پنهنجين والدين کي وڏيڪ غربت ۽ ڏکي حالت کي سبين کان اسان بي دليا پريشان ۽ مايوس رهون ٿا.سوچڻ جي لاءِ اهو ئي ڪافي ناهي بلڪ ماڻهو ته هن ڳالهه تي به پريشان ٿي رهيا آهن ته مهانگائي،لوڊشيڊنگ،دهشتگردي ۽ بيروزگاري گهٽ چو نٿي ٿيئي؟ حڪمران کي سوچڻ گهرجي ته معاشي چڪي ۾ پيڻل مهانگائي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪي جوڳا قدم ڪٽڻ جي بجاءِ هڪ پيسي تي فضول تنقيد ڪرڻ جي.

اسان جي پياري پاڪستان جي اقتدار ڏانئين جي ڪهڙي ڪهڙي تعريف ڪجي انهن کي ته ڪنهن شيءِ جو فڪر ئي ناهي ته ڪنهن ماري ۾ منصوبابندي ڪري ۽ نه ئي وري کا وٽن حڪمت عملي آهي. گودامن ۾ پيل اناج کي اڏوهي ته ڪائي رڃي ٿي. ليڪن بک کان مرڻ وارن ماڻهن کي هڪ دائو به ميسر ڪرڻ اقتدار ڏانئي گناه ڪبير سمجهن ٿا.اها حقيقت آهي ته اميرڪا جهڙو سپر پاور هر سال لکين تن ڪڻڪ سمنڊ ۾ پوڙي ڇڏي ٿو ليڪن ان اناج جي بک تائين پهچ ناهي.جنگ، گهرو ويڙهه ۽ عالمي طاقتن جي هوڙ جي سبب افغانستان،عراق،شام،ليبيا سميت نه جاڻ ڪيترن ئي ملڪن ۾ ماڻهو اناج جي هڪ هڪ دائي جي لاءِ سڪي ۽ تڙپي رهيا آهن.هتان جي ليڊرن ۾ جيڪو جيترا جوش پريا نعرا هڻي ٿا.ان ئي ڪامياب سمجهيو وڃي ٿو.غريب جهڙي لعنت کان بيزار ماڻرون پنهنجن ٻڙڙن جون منڊيون وڏڻ تي مجبور آهن.يا نوان ڪپڙا گهرڻ تي ٻيءَ پنهنجي پياري پت کي قتل ڪري ڇڏي ته سوچڻ ڪپي ته ائين چو ٿي رهيو آهي.العنت آهي انهن ترقي پذير ملڪن جر حڪمران تي جيڪي غريبت ختم ڪرڻ جي بجاءِ غريبن کي ئي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪيون پيا آهن.اهي سبب ڪارڻ اسان جي نام نهاد حڪمران جون عوام دشمن عياش پرستيون آهن.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.

بقايا

منت ۾ اهو ڏسي ويندو ته منهنجو ٻار گهٽتي ۾ ڪيڏو ته ڪوڙ ويو آهي موتيو آهي يا ڪنهي ڪا نياڻي گهٽتي مان لنگهي آهي گهر پهتي يا اغوا ته ڪوڙ ئي آهي اياز لطيف پليجي چيو ته حڪمران سنڌ کي الماڻ ساڻحن جي سرزمين بنائي ڇڏيو آهي. شاهڪار سنڌ جا ماڻهون لاوارث بنايا ويا آهن تحفظ رڳو حڪمران کي آهي. سيڪيورٽي رڳو انهن لاءِ آهي. پوليس ۽ ٻيا ادارا متحرڪ ۽ خبردار رڳو حڪمران جي طاقتن لاءِ آهن. باقي عام ماڻهو اغوا ۽ قتل ٿيڻ کانپو، به انصاف ڪان محروم آهي. ڪا نه ڪا سفارش، رشوت ۽ جرگو خون لوڙهي ڇڏي ٿو ۽ انصاف کي خاڪ بنائي ڇڏي ٿو اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ کي ڏاڙيلن ۽ منشيات فروشن حوالي ڪيو ويو آهي. پيپلز پارٽي ڏهارين جي سرپرستي ڪري رهي آهي. زرداري حڪومت هٿ ونءِ سرداري، جرگائي ۽ وڏيراشاهي کي مضبوط ڪيو هاري، مزدور ۽ پوهيت غريبت ۽ غلامي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. معصوم ٻار، اقليتون ۽ نوجوان محفوظ ناهن. ڏاڙيلن ماڻهو اغوا ڪري بدترين تشدد جون ويڊيوز وائرل ڪري سڄي سنڌ کي جئلينج ڪري رهيا آهن ڏسنڌ ۾ حڪومت ۽ قانون نالي ڪا شئي ناهي. ڏوهاري طاقتور آهن ۽ انهن کي ڪير به ڪجه نٿو ڪري سگهي. اياز لطيف پليجي چيو ته گذريل رات ڏاڙيلن جي قيد مان مغوي بازياب ڪرايا ويا پر ڪنهن ۽ ڏوهاري خلاف ڪارروائي نه ٿي. اياز لطيف پليجي چيو ته پوليس جا جوان شهيد ٿيا آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ڏاڙيل ڪلچر خلاف سڄاڻ ٿي چڪي آهن. مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندڙن کي ثابت قدم رهڻ تي مبارڪون هجن. سنڌ جي نجات ثابت قدم جدوجهد ۾ آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته نگران سنڌ حڪومت ۽ چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ وحشتناڪ واقعي جو نوٽيس وٺي معصوم پريا ڪماري. ڊاڪٽر منير احمد ناڻج. ساگر ڪمار سميت سمورن مغوين کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي

بقايا

6 هزار 300 رپيا گهٽجڻ ڪانپو، به لڪ 23 هزار 800 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 5 هزار 402 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپو، هڪ لک 99 هزار 588 رپيون جو ٿي ويو آهي.

بقايا

سانگهڙ. مني ۽ سڪر سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ ريلين ۽ ڌرڻا هنيا ويا. جن ڪي جماعت اسلامي جي صوبائي توڙي مقامي اڳواڻن خطاب ڪيو. اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ امن امان جي بحالي شهرين جي جان توڙي مال جي حفاظت ڪرڻ حڪومت وقت جي اولين ذميواري آهي. هندو برادري اڪيلي ڪونه آهي. جماعت اسلامي ان سان گڏ آهي. آخري مغوي جي بازيابي تائين سنڌ ۾ احتجاج ۽ ڌرڻا جاري رهندا. سنڌ جي امير محمد حسين محنتي پهرلو ٻاهر پاس تي لڳل ڌرڻي کي ٽيليفونڪ خطاب ڪندي چيو ته سراج الحق واحد قومي ليڊر هو جنهن سڀ کان پهرين سنڌ ۾ ڏاڙيل راج خلاف آواز اٿاريو ۽ ڪنڌڪوٽ شڪارپور ۾ ڌرڻا هڻي حڪمرانن کي متوجه ڪيو. ڏاڙيل راج جي خاتمي تائين اسان جي جدوجهد جاري رهندي. اسلامي نظام ۽ ديانتدار قيادت ئي سنڌ ۽ خوشحالي ۽ عوام کي ڏاڙيل راج سميت موڙي مسئلن کان نجات ڏياري سگهي ٿي. مهڙ ۽ اٽڪ پيٽرول پمپ انيس هاءِ روڊ تي ڌرڻو لڳايو ويو. متامي اڳواڻن الياس ڪلهوڙو، عبدالله ڏيرو خطاب ڪيو. ٽل ۽ رهبر چوڪ وٽ لڳل ڌرڻي کي امداد الله بجارائي، مولانا رفيع الدين چنا ۽ اعجاز لاشاري خطاب ڪيو. سانگهڙ ۾ راجه وسيم، ظهير جتوئي، محمد طفيل، گهارو ۾ ريلي ڪڍي محمد علي خٽڪ، اشرف راجپوت، جيڪب آباد پريس ڪلب وٽ ضلعي اڳواڻ هدايت الله رند، عزيز پيروزاڻي، مني ۾ ريلي ڪڍي ميرمحمد ٻليدي، عبدالسبحان سميجو، پهرلو ٻاهر پاس وٽ صوبائي اڳواڻ مولانا حزب الله جڪرو، زبير حفيظ شيخ، خيرپور ۾ مولانا ثناالله جوڻيجو، خانپور مهر ۾ عبدالخالق گڏائي، ڪنڌڪوٽ ۾ سنڌ جي نائب امير حافظ نصرالله چنا، ڪشمور ۾ ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميرائي ۽ افضل عطا ڪلوڙ ڪچل ڌرڻي کي خطاب ڪيو

بقايا

ڏني جنهن کي روڊ هيلٿ سينٽر بلاوي شاهه ڪريم منتقل ڪيو ويو پرسنڊس حالت گهڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪيس پدرآباد ريفر ڪيو ويو. نوجوان جي ٻاڻ وٽ رقم نه هجڻ سبب گوڻائن چندر ڪري ڪيس حيدرآباد اسپتال پهچايو.

بقايا

رپورٽس موجب گذريل ڏينهن بحرين ۾ اسرائيل جي نئين سفارتخاني جو افتتاح ڪيو ويو. ان موقعي تي بحرين دوري تي موجود اسرائيل جي پرڏيهي وزير ايلي ڪوهن پنهنجي بحريني هم منصب سان ملاقات ڪندي اباري لاڳاپن کي هئي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو. واضح رهي ته آمريڪا جي ڪوشش سان اسرائيل جو عرب رياستن سان لاڳاپن جي بحالي جو معاهدو 2020ع ۾ ٿيو هو.

بقايا

سهولتڪارن جوابدار بخش علي عرف بخشو مهر، بابر مهر ۽ منور مهر کي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت پاران جاج آفيسر جي درخواست تي جوابدارن کي وڏيڪ 7 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو.

بقايا

ڪرڪيٽ ڪائونسل جي صدر نجم سيٺي جي ٽوئيٽ تي جواب ڏيندي چيو آهي ته ايشيائي ٽيمون پاڪستان ۽ ايشيا ڪپ ڪيڊي لاءِ تيار نه هيون. جئه شاهه چيو ته پاڪستان ۽ سيڪيورٽي ۽ معاشي حالتن تي ايشيائي ملڪن کي گهڻتي هئي اسان پاڪستان جو هائبرڊ ماڊل منظور ڪري ايشيا ڪپ جو شيڊيول ترتيب ڏنو هن چيو ته گذيل عرب رياستن

بقايا | سنڌيار | 01

مان 2 عدد 9 ايم ايم پسٽل لوڊ ميگزين .2،عدد 30 بور پسٽل لوڊ ميگزين 1 عدد ليپ ٽاپ 1عدد ڪمپيوٽر 10 عدد موبائل فون روڪ رقم سميت 2 عدد موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن ان حوالي سان ايس ايچ او ٽائور بلال ڪالوني سب انسپيڪٽر جان محمد بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ علي عرف ڊان،عمران عرف گنجا،جهانزيب ۽ سهيل جي نالن ٿي آهي چاڻايل جوابدارن گذريل ڏهاڙي بلال ڪالوني ٿاني جي حد سيڪٽر E 5 اپنا لان جي پرسان هڪ دوڪاندار شڪيل کان ڦر ڪئي ۽ مزاحمت تي ڪيس گوليون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا هئا واقعي جي سي سي ٽي فٽيج موجود آهي جڏهن ته ان واقعي جو ڪيس گناهه نمبر 326/2023 قلم 393/397/34 پي پي سي ٿاني داخل ٿيل آهي جڏهن ته ساڳين جوابدارن جي ساٿي عمران عرف گنجا پاور هائوس لڳ هڪ شهري کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران هن مزاحمت ڪندي پنهنجي پستل جا فائر ڪري جوابدار عمران عرف گنجا کي زخمي ڪيو هو جيڪو زخمي حالت ۾ فائرنگ ڪندي فرار ٿي ويو جاڻايل واقعي جا به سي سي ٽي فٽيج موجود آهن جڏهن ته جوابدارن طرفان گذريل هفتي ساڳين جوابدارن اسپيشل برانچ جي هڪ اهلڪار تنوير کان سرڪاري پستل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري وريو هئي جيڪا ڦر ڪيل موبائيل فون به جوابدارن وٽان هٿ ٿي آهي. ايس ايچ او جان محمد بروهي وڌيڪ ٻڌايو ته جاڻايل جوابدار ڦر واقعن دوران پوليس ڪيپ ۽ پوليس نمبر واري گاڏي استعمال ڪندا هئا گرفتار ڪيل ڏوهاري اسٽريٽ ڪرائيم جي درجنين واردانن ۾ ملوث آهن جن ابتدائي جاچ دوران انڪشاف ڪيو آهي ته هو ڦر ڪيل موبائيل فونون 8 کان 10 هزارن ۾ وڪرو ڪندا آهن ۽ اهي موبائيل فونز جي IME تبديل ڪرڻ جا پڻ ماهر آهن گرفتار ٿيل مان علي عرف ڊان گروهه جو سربراهه آهي جيڪو پنهنجي ساٿين کي هٿياربند مهيا ڪندو آهي سندس گروه ضلعي سينٽرل اندر ڪيترن ئي واردانن ۾ پوليس کي ڪهربل هو جنهن کي اسان ٽيڪنيڪل بنيادن تي گرفتار ڪيو آهي گرفتار ڪيل جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 02

احمد مغل جي اڳواڻي ۾ ريجنل انچارج شهيد بينظير آباد ڊاڪٽر گل امير سنبل، ضلعي جو اجلاس ٿيو سڀا نوشهروفيروز جي انچارج ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسدالله تنيو ۽ فهد حسين جمالي مورو شهر جو دورو ڪيو ۽ شهر ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين جي ممنوع ٿيل بيگز ناهڻ واري فيڪٽري کي روڪيو ويو ۽ مالڪن کي چتاءُ ڏنو ويو ته جيستائين سنڌ حڪومت پاران نوٽيفڪيشن جاري نه ڪيو ويندو تيستائين ڪارروائي ڪئي ويندي. پلاسٽڪ جون بوريون سڀا ڪان ماحولياتي منظوري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ئي ناهي ۽ هلائي سگهجن ٿيون ۽ مالڪن کي چتاءُ ڏنو ويو ته جيڪڏهن انوائرمينٽل ايڪٽ 2014 جي پيڪڙي ڪئي وئي ته مالڪن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. سڀا ٽيم نوشهروفيروز سنڌوجا، مورو ٽول پلازه ۽ شاهپور جهانيان نيشنل هاءِ وي تي واقع ڪائن فيڪٽرين، فلور ملز ۽ رائس ملز جو دورو ڪيو ۽ ڏٺائين ته فيڪٽرين مان نڪرندڙ متي ۽ ڪچه جي ڦڙن کي ماحولياتي معيارن موجب محفوظ ڪرڻ جو نظام موجود ناهي، پر مالڪن کي ڳهرجي ته هو جلد کان جلد پنهنجي ڪارخانن ۽ جديد مشينري کي ڊڪٽ وارو سسٽم نصب ڪن ته جيئن هوا جي آلودگي کي روڪي سگهجي، ٻئي صورت ۾ خلاف ورزي ڪندڙن کي سڀا جي ڊائريڪٽر جنرل آڏو پيش ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 03

ڦرٽي جي حمايت ۾ گهارو گولائي کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مين روڊ تان ٿيندي مين نيشنل هاءِ وي مين بس اسٽاپ وٽ ڦرٽو هنيو ويو. ڦرٽي ۽ جماعت اسلامي گهارو جي جنرل سيڪريٽري حماد راجپوت، محمد علي ختڪ، علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي چيئرمين مولوي محمد قاسم ڄاڻيو، هندو پنچائت جي صدر ۽ واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي صدر پوندراس ٽيڪاڻي ، مري اتحاد جي اڳواڻ جهانگير مري، جسٽر اڳواڻ عادل شا شيرازي، گلزار شاه جيلاني ۽ واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي عهديدارن، شاهين پوٽ جي اڳواڻن حاڪم علي جوڪيو ۽ شهرين وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان گالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ ۽ رهندڙ هندو پائرن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي اڳواڻن چيو ته اسين هندو پائرن جو هر صورت ۾ تحفظ ڏينداسين. هندو سنڌي سنڌ جا اصل وارث آهن عوامي پريشر تي ڪجهه ماڻهن کي آزاد ڪيو ويو آهي جيستائين سيئي مغوي بازياب نه ڪرايا ويا ته سڄي سنڌ جيان ڪراچي لنتو روڊ بند ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 04

جي هن مفت ميڊيڪل ڪئمپ ۾ ٽائفائيڊ ،ملريا ۽ ٻين مختلف بيمارين ۾ ورتل 200 جي لڳ ڀڳ غريب مريضن جو علاج ڪري ڪين مفت ۾ دوائون ڏنيون ويون آهن هنن وڏيڪ چيو ته مڇرن جي آزار سبب هتان جا ماڻهو مختلف بيمارين ۾ ونجي رهيا آهن ۽ هن ڳوٺائي علاقي جي دور ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهو علاج ڪرائڻ کان لاچار آهن اسان جي وڏ کان وڏ ڪوشش هوندي آهي ته اهڙن علاقن ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي علاج جون سهولتون فراهم ڪريون ۽ انشاءالله اسان جون هي ڪوششون جاري رهنديون

بقايا | سنڌيار | 05

پوليس اڳهون نند ستل آهي ايس ايس پي ٽتو نوٽيس وڻي

بقايا | سنڌيار | 06

مظاهري ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي صدر فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن قذافي شاهنائب صدر اشفاق ڪوسو ايس يو جي صدر امداد بزدار،جنرل سيڪريٽري احقر رضوي،جنرل سيڪريٽري سکر پريس ڪلب شهزاد تابائي صدر ڪورٽ رپورٽر ايسوسيئيشن سليم سهتو ميمبر ايف اي سي جاويد جتوئي فنانس سيڪريٽري سکر پريس ڪلب سحرش ڪوڪر ۽ ٻين چوڻ هوت 23 ڏينهن گذري ويا آهن قاتل گرفتار نه ٿيا آهن شهيد جان محمد مهر جي قتل تي گهٽتي جو اظهار ڪندي صحافي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته حڪومت جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. جان محمد مهر جي مڪ قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري تائين جدوجهد جاري رهندي،23 ڏينهن کان قاتل آزاد حيران ڪندڙ ڳالهه آهي سکر پوليس هن وقت تائين صرف ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي ڪيو قاتلن کي بنا دير گرفتار ڪيو وڃي، صحافي جان محمد مهر کي وچ شهر ۾ شهيد ڪيو ويو جيڪو افسوسناڪ واقعو آهي جيسي تائين سمورا قاتل ۽ سهولتڪار گرفتار نه ٿيندا احتجاج جاري رهندو، صحافين اعلا اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ايف آءِ آر ۾ نامزد سمورن جوابدارن کيگرفتار ڪرائي ڪيئنانجام تائين پهچائي سکر سميت ملڪ جي صحافين ۾ پڪزيل بيچيني ختم ڪرائي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 07

سطڙو ماهنور شيخ شاهد ڪوڪر ايس ٽي پي تعلقه اڳواڻ اسد چانڊيو ضمير سهتو خالد چانڊيو وسيم ڏنگراڻ ۽ ٻين ڦرٽي جي حمايت ڪئي ڦرٽي جي اڳواڻ سنڌ بار جي ميمبر عبدالستار لهراڻي ميڊيا کي ٻڌايو سنڌ ڏاڙيل جورن ۽ سردارن جي حوالي ڪئي وئي آهي روز ماڻهون اغوا ٿي رهيا آهن ڪشمور جي پوليس هن محل تائين ڪڪ پڇي ٻيٽو ناهي ڪيو امر امتياز ٻڌايو ته پوليس ڏاڙيل سردار بٽ ٻئيل آهن هٿ سان ماڻهون اغوا ڪرائي انهن کان پنگ طلب ڪيو وڃي ٿو هي ڦرٽو اوستائين جاري رهندو جيستائين ڪشمور وارو ڦرٽو جاري هوندو انهن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو ته ڪچي ۾ آپريشن ڪري اغوا ٿيل ماڻهن کي بازياب ڪرائي سنڌ مان ڏاڙيل ڪلچر ختم ڪيو وڃي پي صورت سموري سنڌ جا روڊ بلاڪ ڪري ڦرٽا لڳيا ويندا

دادو ۾ پيارو شاخ ۽ راهوجا شاخ جي آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو، نعرٻازي

فقير غلام حسين هنگورو، اقبال چارڻ، حڪيم هنگورو، قاضي علي اڪبر مستوئي ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاج ڪيو

شاخن تي زرعي پاڻي داروغن ۽ انجينئرن جي ملي ڀڳت سبب ضايع ٿي رهيو آهي، ڪيربه واهر ڪرڻ وارو ناهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي سنڌ جي آبادگارن جي داد رسي ڪرڻ سان گڏ پيارو ڊسٽري بيوٽري شاخ کي پڪو ڪيو وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پيارو شاخ ۽ راهوجا شاخ جي آبادگارن جو چيف انجينئر لاڙڪاڻو ايڪزيڪيوٽو انجينئر دادو خلاف دادو پريس ڪلب آڏو هٿن ۾ بينر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي مظاهرين فقير غلام حسين هنگورو، اقبال چارڻ، حڪيم هنگورو، قاضي علي اڪبر مستوئي ۽ ٻين صحافين آڏو داڪايو ته ضلع دادو پيارو ڊسٽري بيوٽري ماڊيول ٽيل لنڊي سميت ٻين شاخن تي زرعي پاڻي داروغن ۽ انجينئرن جي ملي ڀڳت سبب ضايع ٿي رهيو آهي، شاخن کي آر سي سي وڙائين تي ناهڻ بدران غلط طريقي سان پائپ ڪڍي زرعي پاڻي چوري ڪرايو پيو رڃي،مختلف شاخن تي لنڊت مشينون لڳائي آبپاشي ڪاتو پاڻي چوري ڪرڻ سان گڏ زرعي پاڻي ضايع ڪرائي پيو،هنن چيو ته آس پاس جي علائقن ۾ جر جو پاڻي نمڪين ٿي ويو آهي جيڪو انسان توڙي پکي ۽ جانور لاءِ نقصان ڪار آهي جنهن سان هر ساه واري شي جي زندگي کي خطرو آهي جنهن پڻ اپاءُ وٺڻ جي سخت ضرورت آهي.سڄي اندر اندر شاخون پڪيون ڪيو رڃن ڇيڻن زرعي پاڻي جي ڪوٽ به نه ٿئي نه روي چوري ٿي سگهي،هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور معاملي جو نوٽيس وٺي سنڌ جي آبادگارن جي داد رسي ڪرڻ سان گڏ پيارو ڊسٽري بيوٽري شاخ کي پڪو ڪيو وڃي جيئن آبادگارن فصل ڪاهي سگهن .ٻي صورت ۾ ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٽو هنيو ويندو.

خانپور ۾ مچي مارڻ ويل نعيم الله پهوڙ تي پنهنجي برادري جو حملو

زخمي اسپتال ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو، وارثن ۾ ڪهرام

پهوڙ برادري جي ٻن ڏرين ۾ پراڻي تڪرار تان واقعو پيش آيو آهي : پوليس

خانپور (عتيق ابڙو) گذريل ڏينهن مچي مارڻ ويل نعيم الله پهوڙ تي پنهنجي برادري جو حملو ،سخت زخمي ڪري فرار .زخمي اسپتال ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت.پهوڙ برادري جي ٻن ڏرين ۾ پراڻي تڪرار تان واقعو پيش آيو آهي ايس ايچ او ٽائور ڪوٽ تفصيل موجب خانپور انپور ويجهو ٽاپر ڪوٽ ٿاني جي حد گذريل رات ديرسان ڳوٺ سومرواسي نعيم الله پهوڙ ڳوٺ ٻاهران بيڪاري تي مچي مارڻ ويو ته ڪيس پنهنجي برادري جي ماڻهن پاران ڪيس زخمي ڪري ويا جنهن کي گهٽتي جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال نيو ويو هو جيڪو زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو آهي فوت ٿي ويل جو لاش سندس وارث خانپور اسپتال آندو جتي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو مڙهه گهر ڇڏجي تي سندس جي گهر پاتيون ۾ ڪهرام مچي ويو ان موقعي تي فوت ٿي ويل نعيم الله پهوڙ جي پائرن مولوي عرفان پهوڙ ،ثناءالله ۽ ميڊيا سان گالهائيندي الزام لڳائيندي چيو ته گذريل رات اسان جو نوجوان نعيم الله پهوڙ بيڪاري مان مچي مارڻ لاءِ ويو ته پنهنجي برادري جي ماڻهن عبدالعزيزپناه پهوڙ صادق پهوڙ سميت 6 جوابدارن حملو ڪري اسان جي نوجوان کي رتورت ڪري فرار ٿي ويا جنهن کي اسين زخمي حالت ۾ خانپور اسپتال اندو ۽ ڳٽتي جوڳي حالت ۾ سکر منتقل ڪيو جيڪو فوت ٿي ويو آهي اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي اسان سان ناحق ڪيو ويو آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي بي پاسي ناپر ڪوٽ ٿاني جي ايس ايچ او رابطو ڪرڻ تي پڌايو ته پهوڙ برادريءَ جي ٻن ڏرين ۾ پراڻي تڪرار تان واقعو پيش آيو آهي ڪجه شڪ جي بنياد تي ماڻهو گرفتار ڪيا آهن وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون وارثن جي اڃن شرط ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 08

محمد اقبال شيخ، غلام مصطفيٰ گبول، رفيق چنڊ، شاهد جوڪيو، علي بخش مري، جاويد قريشي ۽ ٻين چيو ته نهايت افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي احتجاج ۽ حقن جي پيش ڪيل چارٽر آف ڊيمانڊ جي منظوري باوجود هن مهل تائين ان تي عمل ناهي ٿي سگهيو. اسان سان ڪيل واعده هن مهل تائين وفا ناهن ٿيا جنهن ڪري ملازمن ۾ بيچيني واري صورتحال پڪڙيل آهن هنن چيو ته چارٽر آف ڊيمانڊ تي عمل نه ڪندڙن خلاف عدالت جو دروازو کڙڪايو آهي جتان اسان جي حق ۾ فيصلو آيو آهي پرهوءِ به آفيسر شاهي اسان جي حق تلفي ڪري رهي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا هنن چيف جسٽس آف پاڪستان سميت بين اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ملازمن جي جائز مسئلن طرف توجه ڏئي سندس جائز مطالبا تسليم ڪري حقدارن کي حق ڏنا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري آپاشي کاتي ۽ واسطيدار ڪامورن مٿان هوندي

بقايا | سنڌيار | 09

سان تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردياڻين پاران تيبلوز، تقريرون ۽ قومي گيت پيش ڪري شهيدن کي پيتا پيش ڪئي، تقريب ۾ ميرپورخاص جي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سيڪنڊري فيض علي جسڪاڻي، ٽي اي او فيمل نارائڻ داس، ٽي اي او نائلا هاليپوٽو، الڪا بائي، منوج ڪمار، پرديپ ڪمار، ٽائون چيئرمين نور محمد منڌرو، رڪرم ايسرداس، گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نئونڪوٽ جي هيڊماسٽرياڻي خورشيد بي بي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته يوم دفاع ۽ پاڪستان اهم قومي ڏينهن آهي، جيڪو اسين سڀ وطن جي عظيم شهيدن جي ياد ۾ پرپور عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهيون. هن چيو ته 1965ع جي جنگ دوران پاڪ فوج جي جوانن جنهن دليري، جرئت ۽ وطن سان وفا جو مظاهرو ڪيو اهو مثالي آهي، پاڪ فوج جي جوانن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ سان گڏ شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا. تقريب ۾ شريڪ هندو ڪائونسل جي اڳواڻ وڪرام ايسرداس گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نئونڪوٽ لاءِ 50 بينچن ۽ غريب مستحق شاگردياڻين لاءِ مفت ڪتاب ۽ 300 ڪن وڌيڪ ڊريسن پڻ تقسيم ڪيون ويون.

بقايا | سنڌيار | 10

ڦرٽن جي حمايت ۾ ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ خانپورمهر ۾ مختلف سياسي سماجي ڌرين، سول سوسائٽي، هندو پنچائت، هندو مينگهواڙ پنچائت، جسٽر جي سڌ ٽي شهرين پاران پنج گلي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڦرٽو هنيو ويو. احتجاج جي اڳواڻي ڪامريڊ دودو مهر،ايڊووڪيٽ پرديپ ڪمار، ڌنيش ، عبدالخالق گذاڻي، لال چند ۽ ٻين ڪئي، مظاهرين پنج چوڪ تي ڦرٽو هڻي ويهي رهيا. انتظاميه خلاف نعرٻازي ڪئي، هوڏانهن جمعيت علماءِ اسلام تعلقو خانگڙهه پاران پريس ڪلب خانپورمهر آڏو حافظ نصرالله خان گبول، ثناءالله گذاڻي، مولوي منير احمد گذاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ميڊيا سان گالهائيندي اڳواڻن چوڻو هوت سنڌ اندر ڪيترائي ماڻهو اغوا ڪري ڪين باندي بڻايو ويو آهي، هر آئي ڏينهن پنگ لاءِ مسڪين ماڻهن کي اغوا ڪيو پيو وڃي، ڪشمور ۽ ٽنڊوءَ احتجاج جي ٻن ڏينهن بعد مغوي واپس ٿين ٿا ته ڏاڙيلن کي ٻاڻن ۽ پوليس جي ٻنيرائي آپس ۾ پوليس جي رٽ ڪمزور ٿي چڪي آهي، مظاهرين چيو ته سنڌ ۽ بدامني عروج تي پهچي چڪي آهي هر ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيو آهي، روزانو اغوا ٿرون ۽ ڏاڙا روز جو معمول بڻيل آهن. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ جا سمورا مغوي بازياب نه ٿيا ته احتجاج روزاني جي بنياد تي ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 11

پوليس جو فحاشي جي اڈي تي ڇاپو 2 مردن ۽ ٻه عورتون گرفتار ڪيس داخل ڪري ڇڏيو. ايس ايچ او مورو مجيب الرحمن ناريجو پوليس نفري سان گڏجي مورو شهر جي سنڌ ڪالوني ٻانڌي روڊ تي فحاشي جي اڈي تي ڇاپو هڻي ٻن مردن ثاقب بروهي، سلطان پراچا ۽ ٻن عورتن شمائلا پيتي ۽ سلمه آرائين کي گرفتار ڪري 3700 روپيا روڪ رقم هڙ ڪري جوابدارن خلاف مورو ٿاني تي گناهه نمبر 466/2023 قلم 371 B 371 A تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 12

موبائل فون ڦر ڪري آساڻي سان فرار ٿي ويا جڏهن ته ان سلسلي ۾ مويا جي جسٽر اڳواڻ پيرٻخش باگراڻي وڌيڪ ٻڌايو ته درگاهه بادل شاهه وٽ اڪثر ڦرون ٿيندين رهيون آهن جتان ڏوهاري ڏوهه ڪري آساڻي سان فرار ٿي وڃن ٿا جسٽر اڳواڻ جو وڌيڪ چوڻ آهي ته مويا اسن جو شهر رهيو آهي پر بدقسمتي سان هاڻي ڏوهارين ڦورون منشيات فروشن ۽ پاڻاريدارن جو قلعو بڻجي چڪو آهي هنن گذيل مطالبو ڪندي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ڦورون ڪي فوري طور پڪڙي جيل پيڙو ڪيو وڃي ۽ ڦرٽيل پئسا ۽ موبائل فون هڪدم قانوني مدد سان واپس ڪرايا وڃن ته جيئن شهرين ۽ مقامي واپارين مان وڌندڙ بيچيني دور ٿي سگهي ٻي طرف ايس ايچ او مويا رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪيرڪيترو به باٻاٽر ڏوهاري چوڻ هجي پر قانون کان بچي نه سگهندو جيڪي به ملوث ڏوهاري هوندا ڪين جلد از جلد گرفتار ڪيو ويندو ۽ شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائي امن قائم ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 13

پهچي اٿي جي اڳهن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن صحافيين سان گالهائيندي چيو ته اٿون اسلام ڪوٽ جو غريب پورهيت آهيان حڪمرانن جي نااهلي سبب ملڪ ۾ اٿي جا اگهه چوٽ چڙهي ويا آهن جنهن سبب ڏاڙي ڌار پورهيت طبقو بکون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهي هن چيو ته اٿي جي اگهن ۾ واڌ خلاف چوڏنهن ڏينهن اڳ احتجاجن اٿون اسلام ڪوٽ مان نڪتو آهيان ۽ مختلف شهرن تنڊوالهيار، ميرپورخاص، ڊگهڙي، تنڊو جان محمد، ٽنبي سر ۽ ٻين شهرن ۾ پريس ڪلبن تي وڃي احتجاج ڪيو آهي منهنجو مطالبو آهي ته اٿو 10 رپيا ڪلو ڪيو وڃي هن وقت سنڌ ۾ اٿو 150 رپيا ڪلو آهي اسان وٽ ٽرپارڪر ۾ اٿو 200 رپيا ڪلو وڪرو ٿئي پيو اٿي جو اگهه پورهيت طبقي جي قوت خريد کان مٿي چڙهي ويو آهي غريب ماڻهن جا بچا ماني کائڻ کان محروم ٿي ويا آهن ڪيترائي خاندان بک وڳهي تڙپي رهيا آهن پر سرڪار کي غريب عوام جو ڪو به احساس ناهي هن چيو ته اٿي جي اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف سنڌ جي غريب ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻو پوندو اٿو هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي ڪيترن ئي پورهيت مرد عورتن پنهنجي بچڙن کي بک وڳهي تڙپندو ڏسي خودڪشيون ڪري ڇڏيون آهن ٿر اندر غربت ۽ مهانگائي سبب خودڪشيون روز جو معمول بڻيل آهن پر سرڪار ان طرف ڪو به ڌيان نه ڀڻي ڏئي هن مطالبو ڪيو ته اٿو 10 رپيا ڪلو ڪري مسڪين پورهيتن کي رليف ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وڏي احتجاج جو سلسلو جاري رکندس.

بقايا | سنڌيار | 14

ڪيا ويا آهن ۽ باقي رقم ڪاتوڏيڻ لاءِ روڪي آهي. خريد ڪيل پلاٽ تي تعميراتي ڪم هلندڙ هوت ڪالهه خان محمد سولنگي حملو ڪري ڪم بند ڪرائي ڇڏيو آهي غلام سرور چيو ته عنايت الله ميتلو هي پلاٽ خان محمد کان ورتو هو جنهن تي خان محمد سولنگي هاڻي پيهر قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جڏهن ته عنايت الله ميتلو پڻ فرار آهي هنن اعليٰ اختيارين کي اپيل آهي ته پلاٽ تان قبضو ختم ڪرايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 15

ڪي ڏمڪيون تفصيل مطابق ايس ايس پي بدين شاهنواز چاڙڻ جي حڪم تي بنا ڪنهن وارنٽ ۽ ڪيس جي ايس ايچ او بدين محمود پٺاڻ سٽي انچارج محمد خان ڪلوئي وڏو منشي سڏائيندڙ پوليس وارو حنيف پنهور محمد علي جانڊيو جئن موبائلن سان نيشنل پريس ڪلب بدين پهچي روزاني خبرون ۽ خبرين جي ڊسٽرڪٽ رپورٽر ۽ نيشنل پريس ڪلب جي صدر نفيس ميمڻ ۽ بي بي سي ڪرائيم نيوز جي رپورٽر محمد موسي ميمڻ کي اغوا ڪري سي آئي اي سينٽر ڪٽي ويا جتي ايس ايچ او محمود پٺاڻ سهاڻي حنيف پنهور هنن پنهي صحافين کي چيو ته توهان اسان جي صاحب خلاف لکو ٿا ۽ تشدد ڪندا رهيا ۽ موبائل تي واٽسپ وڊيو ذريعي آفيس ۾ موجود ايس ايس پي شاهنواز چاڙڻ کي سڄي ڪاروائي ڏيکاريندو رهيو جتي سائس گڏ پ ب ح 2 اڳواڻ 2 سنڌس ذاتي دوست جن هڪ صحافي پڻ موجود هئا ۽ ڇٽين ڪلاڪن کانپوءِ هنن پنهي صحافين نفيس ميمڻ ۽ محمد موسي ميمڻ کي منهن تي ڪپڙو ڏئي ڏاڙيلن جيان ايس ايس پي آفيس آندو ويو جتي موجود پ ب پ اڳواڻن پنهنجن ذاتي دوستن کي چيو ته توهان کي ايڪشن مووي ٿو ڏيکاريان ۽ ايس ايس پي چاڙڻ پنهي صحافين جي انهن جي روبرو تذليل ڪندو برجنسي گار ڪنڊ ڪندي ڏمڪيون ڏنيون ته هاڻ منهنجي خلاف توهان لکيو ته منهنجي جتي به پوسٽنگ ٿي ان ضلعو جي هر ٿاني تي توهان کي جي خلاف ڪيس داخل ڪرائي بدين مان تو هان کي ڪڍائي ويندس ۽ هن صحافين تي تشدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اتي موجود پ ب پ اڳواڻن جي مداخلت تي ۽ ايس ايس پي آفيس ٻاهران صحافيين گڏ ٿيڻ جو بڌي پنهي صحافين کي آزاد ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن نيشنل پريس ڪلب ۽ بدين يونين آف جرنلسٽ جو گڏيل هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ ايس ايس پي شاهنواز چاڙڻ جي ان عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي فيصلو ڪيو ويو ته ايس ايس پي چاڙڻ ۽ ايس ايچ او محمود پٺاڻ سٽي انچارج محمد خان ڪلوئي حنيف پنهور محمد علي جانڊيو خلاف قانوني ڪاروائي سان گڏ هنن جي غنڊا گردي خلاف سموري سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويندو فيصلي موجب ڪالهه صحافي نفيس ميمڻ ۽ محمد موسي ميمڻ طرفان ڊسٽرڪٽ سيشن جج بدين جي عدالت ۾ ٻاوڻ اي پي جي درخواست داخل ڪئي ويئي آهي جنهن تي سيشن 11 سيپٽمبر تي پوليس ڪي پيش ٿي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي اجلاس ۾ نيشنل پريس ڪلب جي صحافيين کان علاوه بدين يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻن مرتضي ميمڻ انيس ميمڻ گل هنگورجو اسلم ميمڻ ڪاشف قمبراڻي شريڪ ٿيا. جڏهن ته اربع جي ڏينهن اڄ صحافي تنظيمن ۽ ضلع جي صحافيين جو اهم اجلاس پڻ گهرايو ويو آهي ۽ صحافين کي اغوا ڪرڻ تشدد واري معاملي جي لکت ۾ تي سي ايس ذريعي هوم منسٽر، آئي جي سنڌ ، سي ايم سنڌ ، جي ايچ ڪيو محتسب اعليٰ سنڌ ، چيف جسٽس اسلام آباد ، چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ڪراچي ،صدر نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ، ڪراچي پريس ڪلب ، حيدرآباد پريس ڪلب ، هيومين رائٽس ڪميشن آف ۽صحافتي ادارن کي پڻ موڪلي وئي آهي ته جيئن بهتر انڪوائري تي سگهي

بقايا | سنڌيار | 16

جي وارثن سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي چيو ته سڄي سنڌ جو شعور شهيد فاطمه قرڙو جو وارث آهي هتي قانون جي حڪمراني نه آهي هاءِ پروفائيل بڻيل ڪيس ۾ پوليس جي ڪارڪردگي مشڪوڪ لڳي ٿي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ۾ ڪابه اڳپرائي نه ٿي سگهي آهي، پوليس باٻاٽرن سان گڏجي مظلوم نياڻيءَ جي غريب وارثن تي پريشر ڪرائي ڪيس دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي پرسنڌ جو شعور ائين ٿيڻ نه ڏيندو. آئون سنڌ جي باشعور عوام ۽ ميڊيا کي اپيل ٿو ڪريان ته شهيد فاطمه قرڙو جي خون سان انصاف لاءِ هر فورم تان بار بار ان ڪيس جو رجاءُ ڪيو وڃي، هن وڏيڪ چيو هن نظام مان انصاف جي اميد گهٽ آهي اعليٰ عدالتي جاچ ڪميٽي جوڙي وڃي ته جيئن مظلوم نياڻيءَ جي خون سان انصاف ٿئي، جيئن سنڌ محاذ جي وفد ۾ عامر عمراڻي، فريد خاصخيلي، ابرار موراڻي، زاهد شبائي گڏ هئا.

بقايا | سنڌيار | 17

جو چتاءُ ڏئي چڏيو پوليس اهلڪار ڏٽي بخش جمالي، اهلڪار شهباز جمالي، ايس ايس پي دادو جو سيٽ ڪلارڪ اهلڪار ابراهيم جمالي کي ايمبولنس ڊرائيور فهيم ۽ شيراز ڏاڻو پاران سول اسپتال جي ايمرجنسي گيٽ تي موٽر سائيڪل بيهاري جنهن کي منع ڪيو منع ڪرڻ تان سول ڊرس پهريل دهشتگرد پوليس اهلڪارن هنن ماري ڪٽي، ۽ هٿيار ڏنڊا بردار ماڻهون گهرايا موٽر سائيڪل سوار ڏنڊا بردار تشدد ڪندا رهيا اسپتال ۾ مقرر پوليس اهلڪار تماشو ڏسندا رهيا پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڪر چڏ هڙتال ڪندا سين جاءِ واقعي تي ايس ايچ او اي سيڪشن علي اڪبر چنا سول سرجن ڊاڪٽر زاهد کهرو ڊي ايس پي سٽي عبدالخالق وڳڻ پهچي ويا ڊي ايس سٽي ميڊيا کي ٻڌايو ته قانون سڀني لاءِ برابر آهي قانون کي هٽ ۾ ڪٽڻ نه ڏينداسين ڪير به هجي انهن خلاف قانوني ڪري ڪيس داخل ڪيو ويندو واقعي جواي سيڪشن ٿائي تي فريادي نعيم پٽ محمد امين ڏاڻ جي فرياد تي جوابدارن پي سي ڏٽي بخش جمالي شهباز جمالي سيٽ ڪلارڪ ابراهيم جمالي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 18

ٽيل داروغو رمضان چاڙڻ باٻاٽرن جي آشيرواد سبب علاقي جي آبادگارن لاءِ مصيبت بڻيل آهي داروغو رمضان چاڙڻ پاران قرڙي جي نالي تي پئسا نه ڏينڊ آبادگارن جي زمينن جو زبردستي پاڻي پڻ بند ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ گڏ ڪيل جاڻ موجب داروغو رمضان چاڙڻ زميندارن کان رشوت وٺي لنڊيءَ واهه ۾ ڊڪا ٻڌرائي پڇڙي جي مسڪين آبادگارن کي پاڻي ڏيڻ کان جواب ڏئي چڏيو آهي جنهن سبب لنڊي واهه لڳڻڙ سوين غريب هارين جون زمينون پاڻي نه ملڻ سبب بنجر بڻجي ويون آهن جڏهن ته داروغو رمضان چاڙڻ ايريگيشن ڪاتي جي سيڊا ڊائريڪٽر خورشيد احمد ڪوڪر، انجنيئر انور سومرو، ايس ڊي او واصل جتوئي، ۽ ٻين عملدارن جي آشيرواد سبب آبادگارن کان سري